ماهوار
# بيداري
حيدرآباد

ايڊيٽر
محمد موسيٰ ڀٽو

موبائيل نمبر
03463216078

شمارو:- - آڪٽوبر–نومبر 2025
قيمت: ٢٥ رپيا

مجلسِ ادارت
- پروفيسر عبدالرحمان جتوئي
- علي اڪبر راهمون
- مولانا محمد رمضان مهيري

E.Mail
m.moosabhutto@gmail.com
www.bedarimillat.com

## فهرست


| | | |
|---|---|---|
| قرآن جو پيغام اسان جي نانءِ | محمد موسيٰ ڀٽو<br>عنايت الله | ٢ |
| دجال جو فتنو ۽ ان کان بچڻ جون تدبيرون | حضرت نعمت الله اعظمي صاحب<br>آمنه حامد زبيدي | ١٥ |
| مادي تهذيب جي جديد آلي جا اثرات | محمد موسيٰ ڀٽو<br>آمنہ حامد زبيدي | ٢۴ |
| ڪائنات جي شين ۾ | حڪيم الاسلام مولانا قاري محمد طيب قاسمي | ٢٧ |
| انسانن جي بقا جو راز | آمنه حامد زبيدي | |
| شڪر گذار دل جي اهميت | آمنه حامد زبيدي | ٣٩ |
| سوچ جي پرواز | آمنہ حامد زبيدي | ۴٣ |
| مذهب، منطق، ۽ فن — الحادي اعتراضن جو تنقيدي تجزيو | علي اڪبر راهمون | ۴٦ |
| (منطق ۽ جماليات جي طالبن لاءِ علمي، فڪري مطالعو) | | |
| سيرت عمر فاروق (رضي الله تعاليٰ عنہ) منجهان چند واقعا | تحرير: ضمير حسين لغاري | ۵٢ |
| نفس جي سڌاري جو طريقو | محمد موسيٰ ڀٽو | ٦١ |
| ۽ زندگيءَ جو دستور العمل | عبدالغني دايو | |
| اسلام جي بنيادي تعليمات | محمد مسعود احمد | ٦٩ |
| آزاد خيال فردن جي غور فڪر لاءِ | | |
| اسان جا ڪجهه اهم معاملات | محمد موسيٰ ڀٽو | ٧۵ |
| احاديث نبوي جي روشني ۾ | عنايت الله | |




محمد موسيٰ ڀٽو — مستقل سلسلو
عنايت الله

# قرآن جو پيغام اسان جي نانءِ

## زبان مان نڪرندڙ هر لفظ جو لکجڻ:

مَا يَلْفِظُ مِن قَوْلٍ إِلَّا لَدَيْهِ رَقِيبٌ عَتِيدٌ (سورة ق، آيت 18)

(هو زبان مان ڪا بہ ڳالهہ نٿو ڪري، سواءِ ان جي تہ هڪ نگران سندس پرسان لکڻ لاءِ تيار هوندو آهي.)

هي آيت مؤمن کي ڏڪائي ڇڏي ٿي، ڇو تہ ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ انسان جي زبان مان نڪرندڙ هر ڳالهہ لکجي ٿي ۽ محفوظ ڪئي وڃي ٿي.

اسان روزانو زبان سان سوين ڳالهيون ڪندا آهيون، جن مان لڳ ڀڳ 98 سيڪڙو ڳالهيون اهڙيون هونديون آهن جيڪي غير ضروري هونديون آهن، جن ۾ شڪايت، غيبت ۽ ٻين جي تحقير شامل هوندي آهي.

ان ڪري اسان جي عمل نامي ۾ بيڪار ڳالهين جو وزن ايترو وڌي وڃي ٿو جو اهو نيڪين واري پلڙي کان بہ ڳرو ٿي سگهي ٿو. خطرو آهي تہ اسان جون نيڪيون انهن بيڪار ڳالهين جي نذر نہ ٿي وڃن.

ان لاءِ ڳالهائڻ جي معاملي ۾ وڏي احتياط جي ضرورت آهي. زبان ايتري تہ زورور آهي جو هميشہ ڳالهائڻ چاهي ٿي، ڇو تہ ان مان ان کي لذت ملي ٿي.

زبان جي هن لذت کان بچڻ لاءِ ذڪر جي لذت ئي ڪم اچي سگهي ٿي. ان ڪري زبان تي ضابطو آڻڻ لاءِ ضروري آهي تہ زبان کي ذڪر ۾ مصروف رکيو وڃي.

## الله لاءِ ڪوشش ڪندڙن سان الله جي ملاقات جو ذڪر:

**يٰٓاَيُّهَا الْاِنْسَانُ اِنَّكَ كَادِحٌ اِلٰى رَبِّكَ كَدْحًا فَمُلٰقِيْهِ.** (سورة الانشقاق، آيت 6)

(اي انسان! تون پنهنجي پالڻهار ڏانهن محنت سان وڌي رهيو آهين، پوءِ تون ان سان ضرور ملندين.)

الله جو سچو بندو الله لاءِ محنت ڪري ٿو نيڪ عملن ۾ ڪوششون ڪري ٿو محبت جي واٽ تي هلڻ لاءِ پنهنجي نفس سان جهاد ڪري ٿو هر قسم جي غير الله کان بيزار ٿئي ٿو ۽ گناهن کان بچڻ جي جدوجهد ڪندو رهي ٿو. هو الله لاءِ تڙپندو رهي ٿو. جيتوڻيڪ ڪڏهن نفس جي اڪسائڻ تي ڪري ٿو به، پر پوءِ سنڀالي وري الله جي محبت واري راهه تي هلڻ لڳي ٿو.

هن جي زندگي جو مقصد الله کي حاصل ڪرڻ هوندو آهي. سندس دل الله جي خوف کان ڌڪندو رهي ٿو.

الله هن آيت ۾ اهڙي بندي کي دلجاءِ ڏئي ٿو ته، تنهنجون سڀ ڪوششون اسان جي نظر ۾ آهن، تون ضرور الله سان ملاقات ڪندين. تنهنجي سچي محنت ۽ الله جي ڊپ جي ڪري توکي هميشه واري انعام ملندو.

هتي مؤمن کي قرآن جي هن آيت مان وڏو حوصلو ملي ٿو ته الله وڏي قدر ڪندڙ آهي، هو سندس محنت کي ضايع نه ڪندو، ۽ محنت دوران جيڪي به گهٽايون يا ڪوتاهيون ٿينديون، تن کي الله معاف به فرمائيندو.

## الله تي ايمان سان نقصان ۽ ظلم جي ڊپ کان بچاءُ:

**فَمَنْ يُّؤْمِنْ بِرَبِّهٖ فَلَا يَخَافُ بَخْسًا وَّلَا رَهَقًا** (سورة الجن، آيت 13)

(۽ جيڪو پنهنجي رب تي ايمان آڻي ٿو، تنهن کي نه گهٽجڻ جو ڊپ هوندو ۽ نه ئي ظلم جو.)

هن آيت ۾ الله تي ايمان آڻڻ سان حاصل ٿيندڙ هڪ وڏي نعمت جي خوشخبري ڏني وئي آهي. فرمايو ويو آهي ته جيڪو الله تي ايمان آڻي ٿو اهو نقصان ۽ ظلم جي ڊپ کان محفوظ هوندو.



مؤمن جي خاص خوبي اها آهي ته فقط الله جو ڊپ سندس دل تي غالب هوندو آهي. اهو ڊپ ايترو زوردار هوندو آهي جو دنيا جا سمورا ڊپ، خطرا ۽ انديشا سندس دل کي وڪوڙي نٿا سگهن.

بيشڪ دنيا ۾ رهندي ڪيس به تڪليفون، آزمائشون ۽ مشڪلاتون پيش اچن ٿيون، پر الله تي مڪمل يقين جي ڪري، سندس دل انهن حالتن ۾ به پريشان نه ٿيندو آهي، ڇو ته ايمان جي روشني دل کي سڪون عطا ڪري ٿي.

هن آيت جو ٻيو رخ آخرت بابت به آهي، جتي مؤمن الله جي خاص حفاظت هيٺ هوندو. اتي نه ڪيس ڪا ڪمي ڏسڻي پوندي، نه ظلم، ۽ نه ئي ڪا محرومي، ڇو ته الله پاڻ انصاف ڪندڙ ۽ مهربان آهي.

## مجاهدن جي ذريعي رستو ڏيکارڻ جو وعدو:

**وَالَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا** (سورة العنڪبوت، آيت 69)

(۽ جيڪي اسان جي لاءِ جهاد ڪن ٿا، تن کي اسين پنهنجا رستا ضرور ڏيکاري ڇڏينداسين.)

يعني جيڪو ماڻهو الله جي لاءِ جهدوجهد ڪندو آهي، الله ان لاءِ ضرور رستو کوليندو. هن آيت ۾ محبت واري رستي تي هلندڙ طالب کي اها پڪ ڏني وئي آهي ته جيڪڏهن هو الله جي لاءِ جدوجهد ڪندو، ته الله ان جي ڪوشش کي قبول ڪندو ۽ آخرڪار ان لاءِ پاڻ ڏانهن رسڻ جو رستو کولي ڇڏيندو.

الله جي محبت ۾ هلندڙ ماڻهو جي حالتن ۾ وڏو صبر آزمائيندڙ وقت ايندو آهي. سندس دل جي ڪيفيتون بار بار تبديل ٿينديون آهن. هو ڪڏهن ڪري پوي ٿو ته وري اُٿندو آهي، ۽ هي سلسلو ڪڏهن ختم نٿو ٿئي. اگرچه ان کي روحاني منو تجربو به ملي ٿو پر ان کان پوءِ بيچيني به تمام ڏکي ٿيندي آهي.

اصل ڳالهہ اها آهي تہ دنيا ۾ هر ماڻهو کي نفس جي خواهشن, ماديت ۽ آزمائش جي آڙ ۾ آزمائبو آهي. نفس جي قوتون سندس خلاف محاذ ٺاهين ٿيون, خواهشن جي طوفاني لهرن مان گذرڻو پوي ٿو. اهڙن حالتن مان لنگهي, هو الله تائين رسڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر نفس آساني سان هٿ نٿو ڇڏي. سال, ٻہ سال تہ ڪجهہ بہ ناهي, الله جي سچي محبت ماڻڻ لاءِ ڪيترائي سال لڳي سگهن ٿا. ان وقت تائين ماڻهو دلشڪستہ ۽ بيچين رهي ٿو.

اهڙي وقت ۾ هي آيت ان کي حوصلي ڏيندڙ بڻجي ٿي, تہ مايوس ٿيڻ جي ضرورت ناهي. الله ضرور ان کي نفس جي دلدل مان ڪڍي پنهنجو رستو ڏيکاريندو ۽ کيس ڪاميابي ملندي.

سڀ کان خوش نصيب اهو طالب آهي, جيڪو روز مره جي حالتن ۾ مجاهدو ڪندو رهي, محبت جي رستي جي مشڪلاتن کان نہ گهٻرائي. ان رستي کان پچڻ نہ فقط بزدلي آهي, پر عبد هجڻ جي مقصد جي بہ خلاف آهي. بندو تہ الله جي عبادت لاءِ پيدا ٿيو آهي, ۽ عبادت جو وڏو حصو الله جي ذڪر سان تعلق رکي ٿو.

نفس ۽ شيطان ماڻهوءَ کي هي وسوسو ڏين ٿا تہ محبت جي رستي تي روز مري, روز جيئري جهڙيون حالتون هونديون آهن, ۽ اهو سلسلو سالن تائين هلندو, بهتر اهو آهي تہ ظاهري عبادت تي ئي اڪتفا ڪجي. هي مغالطو ڪيترن ئي طالبن کي راهِ فرار اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿو, جنهن ڪري هو نفس جي بيماري ۾ مبتلا ٿي وڃن ٿا ۽ ذهني خلفشار جو شڪار ٿين ٿا.

ان ڪري ضروري آهي تہ ماڻهو صبر, همت ۽ حوصلي سان ڪم وٺي, ۽ روحاني استاد سان پنهنجو تعلق مضبوط رکي. اڄڪلهہ بعض بزرگ حسنِ ظن يا دعوتي جذبي جي ڪري طالب کي وقت کان اڳ خلافت ڏئي ڇڏين ٿا, جيڪو ان لاءِ آزمائش بڻجي ٿو. نہ صرف اهو تہ هو بيچيني جي باهہ تي ويهجي ٿو پر پاڻ کي مڪمل سمجهي, اصلاح کان غافل ٿي وڃي ٿو ۽ آخر



تائين ڪنهن سچي بزرگ سان تعلق پياري شيءِ قربان ڪرڻ بنا نيڪيءَ جي بهتر حالت تائين رسائي ممڪن ناهي:

لَنۡ تَنَالُوا الۡبِرَّ حَتّٰى تُنۡفِقُوۡا مِمَّا تُحِبُّوۡنَ ۔(سورة آل عمران, آيت 92)

(توهان نيڪيءَ جي مقام تائين هرگز نہ پهچي سگهو ٿا, جيستائين اوهين پنهنجي محبوب شين مان (الله جي راهہ ۾) خرچ نہ ڪريو.)

الله جي راهہ ۾ پنهنجي پسنديده شين جي قرباني ڏني بغير حقيقي نيڪي حاصل نٿي ٿي سگهي.

هن آيت ۾ نيڪيءَ جي بلند ترين درجي تائين رسڻ جو راز بيان ڪيو ويو آهي, تہ جڏهن تائين ماڻهو پنهنجي محبوب شين کي الله لاءِ قربان نٿو ڪري, تيستائين سچي نيڪيءَ جي ڪيفيت نصيب نٿي ٿئي.

محبوب شين مان مراد صرف مال ناهي, بلڪ وقت, آرام, خواهش, راءِ, عادتون, حِس, پنهنجي مرضي, ۽ ٻين جي مخالفت جي باوجود ثابت قدم رهڻ بہ شامل آهن.

ماڻهو لاءِ سڀ کان ڏکي ڳالهہ اها هوندي آهي تہ هو جيڪا شيءِ دل سان چاهيندو هجي, تنهن کي ڇڏي يا الله لاءِ قربان ڪري. پر حقيقت اها آهي تہ الله جو قرب, الله جي رنگ (صبغت الله) ۾ رنگجڻ ۽ نيڪيءَ جي اعليٰ معيار تائين پهچڻ لاءِ اها قرباني ضروري آهي.

### اِهو ئي تہ اصل امتحان آهي:

جيڪڏهن مال عزيز آهي تہ الله جي راهہ ۾ ڏيو.

جيڪڏهن وقت عزيز آهي تہ الله جي ڪم لاءِ وقف ڪريو.

جيڪڏهن پنهنجي راءِ محبوب آهي تہ اجتماعيت جي بهتري لاءِ ان جي قرباني ڏيو.

جيڪڏهن آرام محبوب آهي تہ مجاهدن جي راهہ ۾ اُن کي قربان ڪريو.

اسلام جو پيغام اهو آهي ته فرد جو مزاج قرباني ۽ ايثار وارو هجي، نه ته خودغرضي ۽ آرام طلبيءَ وارو. دين جي واڌاري، فرد جي اصلاح، ۽ روح جي باليدگي لاءِ قربانيون ناگزير آهن.

جيڪو ماڻهو پنهنجي محبوب شين جي الله لاءِ قرباني ڏيندو، ان تي الله جو خاص رنگ چڙهندو آهي، سندس اندر نيڪيءَ جي سچائي پيدا ٿيندي آهي، ۽ هو اُن مقام تي پهچي ويندو آهي جتي الله کيس پنهنجي خاص قرب سان نوازيندو آهي.

## سيني ڪان ڪٽجي، خالص الله لاءِ يڪسو ٿي وڃڻ:

إِنِّيْ وَجَّهْتُ وَجْهِيَ لِلَّذِيْ فَطَرَ السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضَ حَنِيْفًا (سورة الانعام، آيت 79)

(مون پنهنجو منهن ان (الله) ڏانهن ڪري ڇڏيو جنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو بيشڪ مان خالص هڪ الله جو ٿيندڙ آهيان.)

هي آيت حضرت ابراهيم عليه السلام جي زبانِ حال بيان ڪري ٿي. جڏهن سڄي قوم بت پرست هئي، هنن توحيد جو اعلان ڪيو. پاڻ چئي ڇڏيو ته "مان انهن معبودن کان بيزار آهيان جن کي اوهين پيا سڏيو مان پنهنجي پاڻ کي الله جي ذات لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي."

اهو ئي انداز هڪ مؤمن جو هجڻ گهرجي—جو هر دور جي باطل قوتن، مادي ڪشش، نفسي خواهشن، ۽ شيطاني وسوسن کان ناتا ٽوڙي، الله جي بندگيءَ جو اعلان ڪري.

## حنيف هجڻ جو مطلب:

"حنيف" جو مطلب آهي خالص، يڪسو، سڌي راهه تي هلندڙ بي ميل. يعني ڪو به ميل، ڪو به شرڪ، ڪو به ڌيان ٻئي طرف نه هجي. مڪمل طور تي الله لاءِ، الله جي رستي تي، الله جي رضا لاءِ.

## اڄ جي دور جو امتحان:

اڄ جو دور ماديت، خواهشات، نفس پرستي، ۽ صارفانه ذهنن جو دور آهي. ماڻهو جي سوچ، ڪم، خواهش، ۽ ارادو الله بدران دنيا جي مفادن سان جُڙي وئي آهي.



اڄ الله جي طرف يڪسو ٿيڻ لاءِ فرد کي صرف فڪر نه، پر پوري شعوري جدوجهد ڪرڻي پوي ٿي. جسماني طور، معاشي طور، نفسي طور، سماجي طورهر سطح تي طاغوتي نظام انسان کي الله کان پري ڪرڻ لاءِ سرگرم آهي.

پر خوش نصيب اُهي آهن جيڪي انهن طوفاني لهرن جي باوجود، حضرت ابراهيم عليه السلام وانگر اعلان ڪن:

"مان الله ڏانهن منهن ڪيو آهي، مان الله جو آهيان، ۽ مان خالص الله جي بندگيءَ لاءِ پيدا ٿيو آهيان."

اصل ايمان اهو آهي ته ماڻهو دنيا جي هر شيءِ کان وڇڙي، الله سان جُڙي.

توحيد جو اصل مطلب ئي اهو آهي ته "الله بس، باقي سڀ غير."

جيڪو ماڻهو دنيا جي رُعب، چمڪ، طاقت، خواهش، ۽ نفس جي آواز کي رد ڪري، الله سان تعلق کي ترجيح ڏئي، اهو ئي "حنيف" آهي.

اڄ جي دور ۾ حنيف هجڻ سڀ کان وڏي قرباني ۽ سڀ کان وڏي سعادت آهي.

## دعا:

الله تعاليٰ اسان کي حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ حضور ﷺ جي توحيد پرستي، اخلاص، ۽ بندگيءَ وارو نمونو بڻائي.

## ٻيائي اختيار ڪرڻ جي نتيجي ۾ دلن جو ڏنگو ٿي وڃڻ:

فَلَمَّا زَاغُوْا اَزَاغَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ (سورة الصف آيت 5)

(پوءِ جڏهن انهن ٻيائي اختيار ڪئي، ته الله انهن جون دليون ڏنگيون ڪري ڇڏيون.)

كَلَّا بَلْ رَانَ عَلٰي قُلُوْبِهِمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ (سورة المطففين آيت 15)

(بلڪ انهن جي دلن تي زنگ لڳي ويو آهي، انهن جي عملن جي ڪري جيڪي اهي ڪندا رهيا.)

انهن آيتن ۾ ٻيائي اختيار ڪرڻ ۽ خراب عملن جي نتيجي ۾ دلن جي ڏنگي ٿيڻ ۽ زنگ لڳڻ کان خبردار ڪيو ويو آهي. هتي الله جو اهو اصول بيان ڪيو ويو آهي تہ جڏهن ايمان ۽ عملن ۾ غفلت، بي توجهي ۽ سرڪشي اختيار ڪئي ويندي آهي، تہ ان جو لازمي نتيجو اهو ٿيندو آهي تہ دليون ان حالت ۾ نٿيون هجن جو اهو حق ۽ سچائي کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار هجن. دلن تي زنگ لڳڻ هڪ وڏي سزا آهي، جيڪا انسان جي پنهنجي عملن جي نتيجي ۾ ملي ٿي.

## سيني جي تنگيءَ کان بچاءَ جي صورت:

وَلَقَدۡ نَعۡلَمُ اَنَّكَ يَضِيۡقُ صَدۡرُكَ بِمَا يَقُوۡلُوۡنَ فَسَبِّحۡ بِحَمۡدِ رَبِّكَ وَكُنۡ مِّنَ السّٰجِدِيۡنَ (سورة الحجر آيت ٩٧–٩٨)

(۽ بيشڪ اسان ڄاڻون ٿا تہ جيڪي اُهي چون ٿا، تنهنجي سينو تنگ ٿئي ٿو، تنهنڪري تو پنهنجي رب جي حمد سان گڏ تسبیح ڪر، ۽ سجدو ڪندڙن مان ٿي وڃ.)

هن آيت ۾ حضور ﷺ جي حوالي سان هر دور جي داعيءَ کي اها تلقين ڪئي وئي آهي تہ جڏهن مخالفت ڪندڙن جي ڳالهين سبب دل تنگ ٿئي، تہ الله جو ذڪر، سندس تسبيح ۽ سجدا ڪجن. اهڙي طرح مخالفن جي بي معنيٰ ڳالهين جي اثر کان بچاءَ جي صورت پيدا ٿيندي ۽ دل کي سڪون ۽ قرار ملندو.

الله ڏانهن سڏ ڏيڻ واري دعوت اهڙي آهي، جيڪا هر دور ۾ نفس پرست انسان، خاص طور تي حڪمران طبقو عام طور قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ هوندو آهي، بلڪ داعيءَ کي اذيت ڏيڻ جي پوري ڪوشش ڪندو آهي. اهڙي صورتحال ۾ داعيءَ جو سڀ کان وڏو سهارو الله جو ذڪر ۽ تسبيح آهي، جنهن سان دل تي الله جي نور جو نزول ٿيندو آهي، دل کي سڪون ملندو آهي، ۽ داعي نئين توانائي سان دعوت جي ڪم لاءِ اٿي بيهندو آهي.



جڏهن ڪافرن جي ڳالهين سبب الله جي رسول ﷺ جي ئي دل ۾ تنگي پيدا ٿيندي هئي، تہ ٻيا داعي بہ اهڙي صورتحال ۾ دلي تڪليف جو شڪار ٿي سگهن ٿا. تنهن ڪري هر داعيءَ لاءِ هي نڪتو واضح ڪيو ويو آهي تہ اهڙين حالتن ۾ الله جي ذڪر ۽ تسبيح جو خاص خيال رکجي ۽ اهتمام ڪيو وڃي.

## الله جي نبيءَ کي ذڪر جي تاڪيد:

اِذۡهَبۡ اَنۡتَ وَاَخُوۡكَ بِاٰيٰتِيۡ وَلَا تَنِيَا فِيۡ ذِكۡرِيۡ (سورة طٰہ آيت ٤٢)

(تنهنڪري تون ۽ تنهنجو ڀاءُ منهنجي آيتن سان (فرعون) ڏانهن وڃو پر خيال رکجو تہ منهنجي ذڪر کان غافل نہ ٿجو.)

الله جا وڏي مرتبي وارا نبي، حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ سندن ڀاءُ هارون عليہ السلام کي وقت جي سڀ کان مغرور انسان فرعون ڏانهن پيغام سان موڪليو پيو وڃي، ۽ ان موقعي تي جيڪي خاص هدايت ڏني پئي وڃي، اها آهي: الله جي ذڪر جي پڪي ياد ۽ اهتمام.

ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ ذڪر اهڙي شئي آهي جيڪا هر انسان جي لاءِ بيحد ضروري آهي، ۽ جيڪو الله جي طرفان وڏي ذميواريءَ تي هوندو آهي، تنهن لاءِ تہ ذڪر جي وڌيڪ ضرورت هوندي آهي. ڇو تہ ذڪر سان دل ۾ الله جي ساڻ هجڻ جو احساس پيدا ٿئي ٿو جيڪو وڏي کان وڏي طاغوت جي سامهون بيهڻ جو حوصلو ڏيندو آهي.

## ذڪر انسان کي الله جي راهہ تي ثابت قدم بڻائيندو آهي.

جڏهن الله جي وڏن نبيئن کي بہ ذڪر جي تاڪيد ٿيل آهي، تہ اسان تہ انهن جي پيٽ ۾ گهڻو وڌيڪ محتاج آهيون. خاص طور تي جڏهن نفس جو فرعون اسان جي اندر رهندڙ آهي. ان کي مات ڏيڻ لاءِ الله جي ذڪر جي طاقت گهربل آهي.

## جنگ ۽ جهاد دوران بہ ڪثرت سان الله جي ذڪر جي تاڪيد:

يَا اَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِذَا لَقِيۡتُمۡ فِئَةً فَاثۡبُتُوۡا وَاذۡكُرُوا اللّٰهَ كَثِيۡرًا لَّعَلَّكُمۡ تُفۡلِحُوۡنَ (سورة الانفال آيت ٤٥)

(اي ايمان وارؤ جڏهن اوهان جو ڪافرن سان مقابلو ٿئي، تہ ثابت قدم رهو ۽ الله جو گهڻو ذڪر ڪيو تہ جيئن اوهان ڪامياب ٿي سگهو.)

هن آيت ۾ جهاد جي تلقين سان گڏ، جنگ جي موقعي تي الله جي ذڪر جي خاص تاڪيد ڪئي وئي آهي. مقصد اهو آهي تہ جڏهن جسماني توانائي دشمن سان مقابلي ۾ لڳي پئي هجي، تڏهن بہ دل الله ڏانهن لاڳاپيل هجي.

اهو ذڪر جي وڏي اهميت کي ظاهر ڪري ٿو ڇو تہ جنگ جي وقت نفسانيت ۽ ذاتي جذبات شامل ٿيڻ جو خطرو وڏو ويندو آهي. انڪري ذڪر ذريعي اخلاص جي اعليٰ حالت پيدا ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي، ڇو تہ اخلاص سان گڏوگڏ الله جي مدد بہ اچي ٿي.

الله جي راه ۾ جان ڏيڻ وڏي سعادت آهي، جيڪا رڳو خوش نصيبن کي نصيب ٿيندي آهي، ۽ اهڙي موقعي تي بہ ذڪر جي تاڪيد ان ڳالهہ جي علامت آهي تہ الله کي دل جو ڌيان ۽ نيت جي پاڪيزگي تمام گهڻي پسند آهي.

حضرت علي رضي الله عنہ جو هڪ مشهور واقعو آهي تہ هڪ جنگ ۾ جڏهن اوهان هڪ ڪافر کي مارڻ تي هئا، تہ هن ڪافر سندن چهري تي ٿُوڪيو. حضرت علي فوراً هن کي ڇڏي ڏنو. ڪافر حيران ٿي پڇيو تہ "اوهان تہ هاڻ مون کي ماري سگهو پيا!" حضرت علي فرمايو:

"مون پهرين الله لاءِ جنگ ڪئي پئي، پر جڏهن تون منهنجي چهري تي ٿُوڪيو، تڏهن مون کي خدشو ٿيو تہ متان هاڻ مان ذاتي بدلي وٺڻ جي نيت سان توکي ماريان. انڪري مون توکي ڇڏي ڏنو."

## ان رويي ڪان متاثر ٿي اهو ڪافر مسلمان ٿيو.

اهو واقعو بہ ظاهر ڪري ٿو تہ جنگ دوران بہ اعليٰ درجي جي اخلاص لاءِ الله جو ذڪر ضروري آهي، ڇو تہ ذڪر انسان جي نيت کي صاف ڪري ٿو ۽ اخلاص کي مضبوطي ڏئي ٿو.



## دنيا جي ساري زندگي رڳو هڪ لمحو:

﴿وَيَوْمَ تَقُومُ السَّاعَةُ يُقْسِمُ الْمُجْرِمُونَ مَا لَبِثُوا غَيْرَ سَاعَةٍ﴾ (سورت الروم، آيت 55)

(جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي، ان ڏينهن گناهگار قسم کڻندا تہ اسين دنيا ۾ رڳو هڪ گهڙي ترسيا هئاسين.)

انسان کي جيڪا هيءَ دنياوي زندگي ملي آهي، هڪ طرف تہ اها لڳ ڀڳ سٺ، ستر ورهين تائين پکڙيل نظر اچي ٿي، پر جڏهن اها زندگي گذري وڃي ٿي تہ ماڻهو جڏهن پوئتي موٽي ڏسندو آهي تہ کيس لڳندو آهي تہ ڄڻ هي ساري زندگي رڳو هڪ لمحو يا چند لمحن کان وڌيڪ نہ هئي. قيامت جي ڏينهن تہ ماڻهو سٺ ستر ورهين جي انهيءَ زندگيءَ بابت قسم کڻندو تہ هو دنيا ۾ رڳو هڪ گهڙي ترسيو هو.

جڏهن تہ سڄي زندگيءَ جي حيثيت چند لمحن کان وڌيڪ نہ هجي، تہ پوءِ انهيءَ زندگيءَ جو مستقبل ڇا ٿي سگهي ٿو؟ پر ان جي باوجود اسان مان تقريبن هر ماڻهو انهيءَ چند لمحن واري زندگيءَ جي مستقبل بابت پريشان ۽ حيران آهي. سندس ساري فڪرمندي، ساري تڪڙ ۽ ساريون ڪوششون انهيءَ ئي عارضي زندگيءَ کي روشن ۽ خوبصورت بڻائڻ لاءِ آهن.

انسان جي اها روش پوريءَ ريت دانائيءَ جي ابتڙ آهي. اصل زندگي تہ آخرت جي آهي، ۽ انهيءَ دائمي زندگيءَ جو مستقبل انهن ئي چند لمحن تي مدار رکي ٿو جيڪي انسان هتي دنيا ۾ گذاري ٿو.

ان نُڪتي کي نہ سمجهڻ جي ڪري ئي انسان دائمي زندگيءَ جي دهلائيندڙ خساري ۾ وڃي ٿو.

الله پاڪ اسان جي دلين جون اکيون کولي، ۽ اسان کي انهيءَ هميشہ واري زندگيءَ جي تياريءَ جي توفيق عطا فرمائي.

## فتنن جي روڪٿام لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ:

﴿وَاتَّقُوا فِتْنَةً لَا تُصِيبَنَّ الَّذِينَ ظَلَمُوا مِنْكُمْ خَاصَّةً ۖ وَاعْلَمُوا أَنَّ اللَّهَ شَدِيدُ الْعِقَابِ﴾

(سورت الانفال، آيت 25)

(اُن فِتني کان ڊڄو جيڪو جڏهن برپا ٿيندو تہ صرف انهن ماڻهن تائين محدود نہ رهندو جن ظلم ڪيو آهي، بلڪ سڀني کي وڪوڙي ويندو. ۽ خبردار رهو تہ الله تعاليٰ سخت عذاب ڏيڻ وارو آهي.)

هن آيت ۾ انهيءَ فتني کان ڊڄايو ويو آهي، جنهن جا اثر رڳو فتنو پيدا ڪندڙن تائين محدود نہ رهندا، بلڪ عام ۽ خاص، سڀئي ان جي لپيٽ ۾ اچي ويندا. تنهن ڪري، ان کان اڳ جو ڪو فتنو مڪمل طور تي زور وٺي يا ڦهلجي، ان جي شروعاتي مرحلي تي ئي ان جي روڪٿام لاءِ ڪوشش ڪرڻي آهي ۽ هر ماڻهوءَ کي پنهنجي وس جيترو حصو وٺڻو آهي. ٻي صورت ۾ سڀئي ان جي اثرن جي زَد ۾ اچي سگهن ٿا.

هي آيت نهايت اهم آهي، جيڪا هر قسم جي فتنن جي روڪٿام لاءِ مؤمن کي سندس ظرف مطابق متحرڪ ڪرڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي. اسان جي سماج ۾ نت نوان فتنا جنم وٺي رهيا آهن. خاص طور تي نوجوان نسل انهن فتنن جي لپيٽ ۾ اچي رهي آهي. ديندار خاندانن جون نسلون بہ انهن فتنن کان متاثر ٿي، سوانح حيات ۽ سِيرت جي بحران ۽ ذهني انتشار جو شڪار ٿيندي پئي وڃن.

هڪ وڏو فتنو جيڪو مغربي سوچ ۽ طرزِ زندگي مان پيدا ٿيو آهي، اهو سيڪيولر طرزِ زندگيءَ جو فتنو آهي. ان طرز فڪر موجب انفرادي زندگيءَ ۾ تہ مذهبي تعليمات نيڪ آهن، پر سماجي، معاشي، ڪاروباري، سياسي ۽ اجتماعي زندگيءَ ۾ مذهب کان آزاد. سيڪيولر طرزِ زندگي اختيار ڪئي ويندي.

مغربي قومن وٽ اڃا بہ "قومي اخلاق" ۽ "ڪاروباري اخلاق" جهڙيون ڪجهہ مثبت شيون موجود آهن، پر اسان وٽ تہ اهي بہ گهٽجي ويون آهن. هي سيڪيولر طرز زندگي جو فتنو عام ٿي ويو آهي، جنهن جي ڪري هر طبقي جا ماڻهو ان جي لپيٽ ۾ اچي چڪا آهن. ۽ انهيءَ سبب سان اسان



جي سماجي ۽ اجتماعي زندگيءَ ۾ سخت افراتفري پيدا ٿي چڪي آهي. امانت ۽ ديانت جو تصور ئي ختم ٿي ويو آهي.

اهو لڳي ٿو تہ انهن فتنن جي روڪٿام لاءِ پنهنجو ڪردار ادا نہ ڪرڻ جي ڪري ئي اسان الله پاڪ جي سخت عتاب ۾ اچي ويا آهيون. الله تعاليٰ اسان جي اندر فتنن جي حوالي سان حساسيت پيدا فرمائي، ۽ اسان کي پنهنجي عتاب کان بچائي، آمين.

## ماڻهن کي نيڪيءَ جي تلقين ڪرڻ، ۽ پاڻ کي وساري ڇڏڻ:

اَتَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبِرِّ وَتَنْسَوْنَ اَنْفُسَكُمْ۔ (سورت البقره، آيت ۴۴)

(اوهان ماڻهن کي نيڪيءَ جو حڪم ڏيو ٿا، ۽ پاڻ کي وساري ڇڏيو ٿا)

جڏهن ايمان ۽ يقين جي حوالي سان دل تي ڪا محنت نہ ڪئي ويندي آهي، تہ پوءِ ماڻهوءَ جي شخصيت ۾ تضاد پيدا ٿي پون ٿا. اهي تضاد بيعملي جي صورت ۾ ظاهر ٿين ٿا. ماڻهو نيڪيءَ بابت گهڻو ڪجهہ ڄاڻي ٿو پر اها ڄاڻ ڄڻ تہ ڄاڻ ئي ناهي، ڇو تہ بي حسيءَ جي ڪري اهو عمل ڪرڻ جي صلاحيت کان محروم ٿي چڪو آهي. البتہ ٻين کي تلقين ڪرڻ لاءِ سندس وٽ ڳالهائڻ لاءِ گهڻيون ڳالهيون هونديون آهن. پاڻ عمل ڪرڻ جي قابل ناهي هوندو، جڏهن تہ ٻين کي اصلاح جي دعوت ڏئي رهيو هوندو. پاڻ دنيا سان محبت ڪندو آهي، ۽ ٻين کي چوندو آهي تہ دنيا جي محبت سڀني برائين جي جڙ آهي. پاڻ اخلاق کان محروم هوندو آهي، ۽ ٻين کي اخلاق جي تعليم ڏيندو آهي.

هن آيت ۾ معاشري جي انهن ماڻهن جي ان تضاد ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي، ۽ بالواسطہ طور تي قول ۽ فعل جي تضاد کان بچڻ جي تاڪيد ڪئي وئي آهي.

حضرت نعمت الله اعظمي صاحب
آمنه حامد زبيدي

# دجال جو فتنو ۽ ان کان بچڻ جون تدبيرون

قيامت ڪڏهن قائم ٿيندي، ان جو علم الله کان سواءِ ڪنهن کي بہ ناهي، قيامت جو معاملو تمام هيبتناڪ ۽ سنگين هوندو الله جو شانه پنهنجي فضل وڪرم سان قيامت جون ڪجهہ علامتون ۽ نشانيون مقرر فرمايون آهن، تہ جيئن ماڻهو الله ڏانهن رجوع ڪن ۽ حساب ڪتاب جي ڏينهن جي اڳواٽ تياري ڪن.

صحيح بخاريءَ ۾ حضرت ابوهريره کان مروي آهي تہ "قيامت تيستائين قائم نہ ٿيندي، جيستائين ٽيهہ ڪن دجال نہ پيدا ٿين، انهن مان هر ڪو اها دعويٰ ڪندو تہ هو الله جو رسول آهي." اهو مضمون حضرت ثوبان، حضرت علي، حضرت ابن عمر ۽ حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهم جي احاديث ۾ پڻ موجود آهي.

## (دجال جي معنيٰ ۽ مطلب)

دجال لفظ عربيءَ ۾ جعل ساز، ملمع ساز ، فريبي، ڪوڙي ۽ دوکيباز شخص جي لاءِ استعمال ٿيندو آهي، جڏهن تہ "دجل" جي معنيٰ ، ڪنهن نقلي شئي تي سونو پاڻي چڙهائڻ آهي دجال جو نالو دجال ان ڪري رکيو ويو آهي تہ ، ڪوڙ، فريب، دوکيبازي غلط بياني ۽ دنيا جون سموريون خباثتون ان جي مڪروهہ شخصيت جون نمايان ترين وصفون آهن، ان جو هر قول ، فعل ۽ هر عمل فتني ۽ فساد جو سبب هوندو حضرت ابو قتاده بيان ڪن ٿا تہ "اسان حضرت هشام بن عامر کان ٻڌو تہ آنحضرت صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ حضرت آدم عليہ السلام کان وٺي قيامت تائين ڪا مخلوق (فتني ۽ فساد ۾) دجال کان وڌي نہ هوندي." (صحيح مسلم 7395 ،7394)



## دجال جو حليو

مختلف احاديث مبارڪ ۾ حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن دجال جو جيڪو حليو بيان فرمايو آهي، اهو هن ريت آهي ڳرو جسم، ننڍو قد، مڪروهہ چهري تي منجهيل ۽ بي ترتيب گهنگهرالو وارن وارو هڪ شخص، جنهن جي ساڄي اک ڪاڻي ۽ بي نور هوندي ۽ ڪاٻي اک جي پتلي اڀريل ۽ ٻاهر نڪتل هوندي، جيئن انگور جو اڀريل داڻو. هن جون ٻئي اکيون عيب دار هونديون، ان ڪري حديث پاڪ ۾ "اعور اليمني ۽ اعور اليسري" ٻنهي طرح جا الفاظ آيا آهن، دجال جو رنگ ڳاڙهو هوندو ۽ ٻنهي اکين جي وچ ۾ پيشانيءَ تي (ڪافر) لکيل هوندو، جنهن کي هر مومن پڙهي سگهندو چاهي هو لکيل پڙهيل هجي يا نہ .

## (دجال جو ظهور)

متعدد روايتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ملڪ شام ۾ لڙائي ٿيندي ۽ پوءِ صلح ٿي ويندي، پر اها صلح گهڻا ڏينهن برقرار نہ رهندي، ان کان پوءِ يورپ مان نو لک سٺ هزار فوجي وڙهڻ جي لاءِ ايندا ۽ مقام غوطہ ۾ مسلم فوجن سان ويڙهہ ٿيندي، ان دوران دجال جو خروج اصفهان مان ٿيندو.

حضرت انس بن مالڪ کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ دجال اصفهان جي يهودي وسنديءَ مان ظاهر ٿيندو، ان سان گڏ ستر هزار يهودي هوندا، انهن سائي رنگ جون شالون ڪلهن تي وڌيون هونديون، دجال مڪہ مڪرمه ۽ مدينہ منوره ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو، پر الله تعاليٰ فرشتن جي ذريعي ان کي ٻنهي مقدس شهرن ۾ داخل ٿيڻ کان روڪي ڇڏيندو. نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: جيڪو دجال جي خبر ٻڌي ، اهو ان کان پري رهي، الله جو قسم! ماڻهو پنهنجو پاڻ کي مومن سمجهي ان وٽ ايندو ۽ ان جي پيدا ڪيل شبهات ۾ ان جي پيروي ڪرڻ لڳندو. (سنن ابي داود)

## (دجال جي قيام جي مدت)

صحيح مسلم ۾ حضرت نواس بن سمعان جي روايت آهي تہ : رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ: دجال جي ڌرتيءَ تي رهڻ جي مدت چاليهہ ڏينهن هوندي، انهن مان هڪڙو ڏينهن هڪڙي سال جي برابر هوندو، هڪڙو ڏينهن هڪڙي مهيني جهڙو هوندو ۽ هڪڙو ڏينهن هڪڙي هفتي برابر هوندو ۽ ان کان پوءِ باقي ڏينهن توهان جي عام ڏينهن جي برابر هوندا."

اصحابن سڀني پڇيو تہ يا رسول الله! اهو ڏينهن جيڪو هڪ سال برابر هوندو ۽ ڇا ان ۾ اسان جي لاءِ هڪڙي ڏينهن جي نماز ڪافي هوندي؟. "فرمايائون نہ بلڪ وقت جو اندازو ڪري سڄي سال جون نمازون ادا ڪرڻيون پونديون؟" پوءِ صحابہ ڪرام عرض ڪيو تہ يا رسول الله ! دجال زمين ۾ ڪيتري تيزيءَ سان سفر ڪندو ؟، پاڻ سڳورن فرمايو تہ "اهڙي ڪڪر جيان تيزي سان هلندو جنهن جي پويان هوا لڳل هجي، هو هڪڙي قوم وٽ ويندو ۽ انهن کي دعوت ڏيندو ۽ هو ان تي ايمان آڻيندا ۽ ان جون ڳالهيون مڃيندا تہ هو آسمان (ڪڪرن) کي حڪم ڏيندو تہ هو پاڻي وسائڻ لڳندو ۽ پوءِ هو زمين کي حڪم ڏيندو تہ ان مان فصل اسرڻ لڳندا، شام جو انهن جا جانور چرڻ کان پوءِ جڏهن وٿاڻ تي واپس ايندا تہ انهن جا ٿڻ کير سان ڀريل هوندا، پوءِ دجال هڪڙي ٻي قوم وٽ ويندو ۽ انهن کي بہ دعوت ڏيندو، پر هو هنجي دعوت کي قبول نہ ڪندو تہ هو ڌڪار جو شڪار ٿي ويندا ۽ هنن جي مال مويشيءَ منجهان ڪا شئي هنن جي هٿ ۾ نہ رهندي.

دجال ويران زمين وٽان لنگهندو تہ ان کي چوندو تہ پنهنجا خزانا ٻاهر ڪڍ، تہ زمين مان خزانا نڪري ان جي پويان لڳي پوندا، جيئن ماکيءَ جون مکيون پنهنجي سردار جي پويان لڳي پونديون آهن، دجال زمين جي هر ڳوٺ ۽ هر شهر ۾ ويندو سواءِ مڪي ۽ مديني جي ڪو علائقو اهڙو نہ هوندو



جنهن کي دجال نہ لتاڙيو هوندو ۽ مڪي ۽ مديني جي هر رستي تي فرشتا پهرو ڏيندا، پوءِ مدينو پنهنجي مڪينن سان ٽي ڀيرا زور سان لوڏيو (ڌوڏيو) ويندو ۽ الله تعاليٰ هر ڪافر ۽ منافق کي مديني مان ڪڍي ڇڏيندو ۽ (صحيح بخاري / 1881)

دجال جي مديني وڃڻ کان اڳ ۾ هي واقعو بہ پيش ايندو ۽ جو دجال هڪڙي شخص کي سڏيندو ۽ ترار سان ان کي بہ ٽڪر ڪري ڇڏيندو ۽ ٻئي ٽڪرا هڪٻئي کان ايتري فاصلي تي ڪيا ويندا جيترو تير ڪمان واري نشاني جي وچ ۾ هوندو آهي، پوءِ دجال ان کي سڏيندو تہ هو (جيئرو ٿي) روشن چهري سان کلندو ايندو ۽ چوندو تہ "هاڻي تہ مونکي پڪو يقين ٿي ويو تہ تون ئي دجال آهين." دجال ان کي وري ٻيو ڀيرو قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو، پر ڪري نہ سگهندو.

## (مصنوعي جنت ۽ دوزخ)

شيطان وانگر دجال کي بہ الله تعاليٰ قدرت جي قوانين مان ڪجهہ شين سان نوازيو ۽ هو جڏهن ظاهر ٿيندو تہ مصنوعي بهشت ۽ دوزخ ان سان گڏ هوندي. حضرت ابوهريره رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: دجال پاڻ سان جنت ۽ دوزخ جي شبيهہ بہ آڻيندو، اصل ۾ جنهن کي هو جنت چوندو، اها باهہ هوندي ۽ جنهن کي دوزخ چوندو، اها جنت هوندي. (صحيح بخاري 3338)

حضرت حذيفہ کان روايت آهي تہ: پاڻ سڳورن فرمايو تہ: جڏهن دجال نڪرندو تہ ان سان گڏ باهہ ۽ پاڻي ٻئي هوندا، پر ماڻهن کي جيڪا باهہ نظر ايندي، اهو ٿڌو پاڻي هوندو ۽ جيڪو ٿڌو پاڻي ڏسڻ ۾ ايندو، اها ساڙڻ واري باهہ هوندي ۽ تہ توهان مان جيڪو هن زماني ۾ هجي تہ ان کي باهہ قبول ڪرڻ گهرجي ڇو تہ اهو تمام مٺو ٿڌو پاڻي هوندو. (صحيح بخاري 3450)

## (دجال جي ڪوڙي هجڻ جون علامتون)

اهو ماڻهن کي دنياوي اکين سان نظر اچي رهيو هوندو (حالانڪ توهان پنهنجي رب کي دنيا ۾ مرڻ کان اڳ نٿا ڏسي سگهو).

هو ڪاڻو هوندو، حالانڪ تنهنجو رب هر عيب کان پاڪ آهي.

دجال جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ پيشانيءَ تي ڪافر ڪليل هوندو، جنهن کي هر مومن پڙهي وٺندو، چاهي هو پڙهڻ لکڻ ڄاڻندو هجي يا نہ ڄاڻندو هجي.

## (دجالي سحر)

حضرت اسماء بنت يزيد کان روايت آهي تہ : اسان نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن سان پاڻ سڳورن جي گهر ۾ موجود هئاسين تہ حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: ظهور دجال کان ٽي سال اڳ آسمان پنهنجو ٽيون حصو پاڻي ۽ زمين پنهنجو ٽيون حصو فصل روڪي ڇڏيندي، جڏهن ٻيو سال شروع ٿيندو تہ آسمان پنهنجو ٻہ حصا پاڻي ۽ زمين پنهنجا ٻہ حصا فصل پيدا ڪرڻ بند ڪري ڇڏيندي، پوءِ جڏهن ٽيون سال شروع ٿيندو تہ آسمان مڪمل طور پنهنجو پاڻي ۽ زمين مڪمل طور پنهنجا فصل روڪي ڇڏيندي اٺ، ڍڳيون، رڍون، ٻڪريون، گهوڙا ۽ گڏهہ سڀ مري ويندا ايتري ۾ دجال اچي پهچندو ۽ هڪڙي ڳوناٽي کي چوندو: ”جيڪڏهن آئون تنهنجي جانورن کي زنده ۽ کير ڏيندڙ صورت ۾ پيدا ڪري ڏيکاريان تہ ڇا تون مڃي وٺندين تہ آئون تنهنجو رب آهيان؟“، تہ هو چوندو تہ ها بلڪل ” ان کان پوءِ شيطان هن ماڻهوءَ جي مال مويشيءَ جي صورت بحال ڪندو تہ هو ماڻهو دجال جو پوئلڳ ٿي پوندو . اهڙي طرح دجال هڪ ٻئي ماڻهوءَ سان ملندو ۽ ان کي چوندو تہ ”جيڪڏهن آئون تنهنجي پيءُ، ڏاڏي ۽ خاندان جي ٻين مري ويل ماڻهن کي جيئرو ڪري ڏيکاريان تہ ڇا تون يقين ڪندين تہ آئون ئي تنهنجو رب آهيان؟“ هو چوندو تہ ها بلڪل پوءِ دجال



شيطان کي ان ماڻهوءَ جي مائٽن جي صورت ۾ پيش ڪندو تہ اهڙي طرح اهو ماڻهو بہ دجال جي پويان لڳي پوندو .

ان کان پوءِ حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جن گهر کان ٻاهر تشريف وٺي ويا تہ گهر ۾ موجود سڀ افراد روئڻ لڳا، جڏهن رسول الله صلي الله عليه وسلم جن واپس تشريف فرما ٿيا تہ اسان سڀ روئي رهيا هئاسين، پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن پڇيو توهان ڇو روئي رهيا آهيو؟ مون (اسماء) چيو اي الله جا رسول صلي الله عليه وسلم! توهان دجال جي متعلق جيڪو ڪجهہ بيان فرمايو، ان کي ٻڌي روئڻ اچي ويو“، حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ: ”ان وقت ايمان وارن کي کائڻ پيئڻ جي جاءِ تي تڪبير، تسبيح ۽ تحميد ڪرڻ ڪافي هوندو“ پوءِ پاڻ سڳورن فرمايو تہ توهان نہ روئو، ڇو تہ جيڪڏهن منهنجي موجودگيءَ ۾ دجال جو ظهور ٿيو تہ آئون ان جو مقابلو ڪري وٺندس، ۽ جيڪڏهن مون کان پوءِ ان جو ظهور ٿيو تہ هر مسلمان جو خليفو الله تعاليٰ پاڻ هوندو.“ (مسند احمد ،27568)

## دجال جو خاتمو

موجوده زماني جو استنبول (قسطنطنيہ) مسلمانن جي هٿن مان هليو ويندو ۽ پوءِ غوطہ جي لڙائي کانپوءِ اهل مدينہ ۽ ٻين مسلمانن جي هٿان استنبول فتح ٿيندو ۽ جنهن وقت مسلمان مال غنيمت کي ورهائي رهيا هوندا تہ اچانڪ شيطان رڙ ڪري چوندو تہ: توهان کان پوءِ توهان جي گهرن ۾ مسيح دجال پهچي ويو آهي، مسلمان اتان نڪري پوندا، پر اها خبر غلط هوندي، جڏهن هي ملڪ ”شام“ ۾ پهچندا تہ وري مسلمانن ۽ دجالي لشڪرن جي وچ ۾ جنگ ٿيندي، جنهن ۾ هو مسلمان لشڪر جي ٽين حصي کي شهيد ڪري ڇڏيندو ٽيون حصو لشڪر کي ڀڄائي ڇڏيندو ۽ ٽين حصي لشڪر کي باقي ڇڏي ڏيندو . رات ٿي ويندي تہ ڪجهہ مومنين ٻين کي چوندا تہ توهان کي پنهنجي رب جي رضا جي لاءِ پنهنجي (شهيد) ڀائرن سان وڃي ملڻ (شهيد ٿيڻ) ۾ هاڻي ڪهڙي شئي جو انتظار آهي؟

جنهن وٽ ڪائڻ جي ڪا شئي زياده هجي ته اها پنهنجي مسلمان ڀائرن کي ڏيئي ڇڏي، توهان فجر جو وقت ٿيندي ئي (عام معمول جي بنسبت) جلدي نماز پڙهي ونجو، پوءِ دشمن سان جنگ لاءِ روانا ٿجو، بس جڏهن هي نماز جي لاءِ اٿندا ته حضرت عيسيٰ عليه السلام انهن جي سامهون نازل ٿيندا ۽ نماز انهن سان گڏ پڙهندا، نماز کان فارغ ٿي هو (هٿ سان) اشارو ڪندي فرمائيندا: منهنجي ۽ الله جي دشمن (دجال) جي وچمان هٽي وڃو (ته جيئن هو مون کي ڏسي وٺي)، حضرت عبدالله بن عمرو فرمايو : دجال ايئن ڳري ويندو جيئن لوڻ پاڻيءَ ۾ ڳري ويندو آهي، نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن دجال جي خاتمي کي واضح طور بيان فرمايو ته : عيسيٰ ابن مريم عليهم السلام نازل ٿيندا ۽ فرمائيندا"آئون عيسيٰ ابن مريم، الله جو ٻانهو ۽ رسول آهيان، توهان ماڻهو ٽن مان هڪڙي صورت اختيار ڪريو (1) الله دجال ۽ ان جي فوجن تي آسمان مان وڏو عذاب نازل ڪري (2) انهن کي زمين ۾ دٻائي دفن ڪري ڇڏي (3) انهن جي مٿان توهان جا هٿيار مسلط ڪري، ۽ انهن جي هٿيارن کي توهان کان روڪي ڇڏي، مسلمان چوندا اي الله جا رسول! اها آخري صورت اسان جي لاءِ ۽ اسان جي دلين جي اطمينان لاءِ ڪافي آهي، ته ان ڏينهن توهان ڏسندو، گهڻو ڪائڻ وارن ۽ وڏي قد بت وارن يهودين جا هٿ هيبت جي ڪري هٿيار نه کڻي سگهندا، بس مسلمان انهن تي مسلط ٿي ويندا ، ۽ دجال جڏهن حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي ڏسندو ته شيهي وانگر پگهرجڻ لڳندو ، تانجو حضرت عيسيٰ عليه السلام دجال کي باب "لُد" جي مقام تي قتل ڪري ڇڏيندو. (مصنف عبدالرزاق 20834)

الله تعاليٰ پنهنجي ڪامل قدرت سان دجال ۽ ان جي لشڪر تي مسلمانن کي حاوي ڪندو ۽ اهي هنن سڀني کي قتل ڪري ڇڏيندا، ايتري قدر جو وڻ ٽڻ ۽ پٿر به واڪو ڪري ٻڌائيندا ته "اي الله جا ٻانها! اي رحمان جا ٻانها! اي مسلمان! هي يهودي آهي هن کي قتل ڪر" مطلب ته الله تعاليٰ انهن سڀني کي فنا ڪندو ۽ مسلمان فتحياب ٿيندا .



## (دجال جي فتني کان بچڻ جون احتياطي تدبيرون)

مسيح دجال جي فتني کان حفاظت جي لاءِ حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي امت کي ڪجهه شيون اهڙيون ٻڌايون آهن، جن کي اختيار ڪرڻ سان دجال جي فتني کان بچي سگهجي ٿو.

دجال جي فتني کان بچاءَ لاءِ الله کان پناه گهرڻ، دجال جي شر کان بچڻ لاءِ انهن دعائن جي پڙهڻ جو اهتمام ڪرڻ، جنکي حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جن پڙهندا هئا ، ۽ پنهنجي امت کي هنن دعائن جي پڙهڻ جو حڪم فرمائيندا هئا، حضرت ابوهريره رضي الله تعاليٰ عنه ۽ ٻين گهڻن اصحابن سڳورن کان روايت آهي ته هي دعا گهرندا هئا، اللهم اني اعوذبڪ من عذاب القبر ، واعوذبڪ من فتنته المسيح الدجال، واعوذبڪ من فتنته المحيا والممات . صحيح مسلم ۾ حضرت ابوهريره کان روايت آهي ته رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "جڏهن توهان تشهد کان فارغ ٿيو ته چئن شين کان الله جي پناه طلب ڪريو قبر جي عذاب کان جهنم جي عذاب کان، مسيح دجال جي شر کان ۽ حياتي ۽ موت جي آزمائش کان ." (صحيح مسلم، 1326)

حضرت عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها فرمايو ته: حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جن هي دعا فرمائيندا هئا، اي الله ! آئون قبر جي عذاب کان، دوزخ جي عذاب کان، حياتي ۽ موت جي عذاب کان ۽ ڪاڻي، دجال جي شر کان تنهنجي پناه گهران ٿو . (صحيح بخاري 832) حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها فرمايو ته " مون رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کي پنهنجي نمازن ۾ دجال جي فتني کان پناه گهرندي ٻڌو." (صحيح مسلم 1323)

(2) سورة "ڪهف" جو شروع واريون ڏهه آيتون ياد ڪرڻ ۽ پڙهڻ جو معمول بنائڻ، دجال جي فتنن کان جيڪو محفوظ رهڻ چاهي، ته ان کي گهرجي ته سورة الڪهف جي ابتدائي يا آخري ڏهن آيتن جي تلاوت

ڪري، ان جي تلاوت دجال جي فتني ۾ مبتلا ٿيڻ کان بچائي ٿي. حضرت ابوهريره کان روايت آهي ته: پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته ”جنهن مسلمان سورة ڪهف جون پهرين ڏهه آيتن کي ياد ڪيو اهو دجال جي فتني کان محفوظ ڪيو ويو . (صحيح مسلم، 1883)

(3) دجال کان پري رهڻ دجال کان جيترو پري رهڻ ممڪن هجي اوترو پري رهجي حضرت عمران بن حصين رضي الله عنه کان روايت آهي ته پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن فرمايو : جيڪو شخص دجال جي باري ۾ ٻڌي ته ان کي دجال کان پري رهڻ گهرجي، الله جو قسم!مومن اهو خيال ڪري ان وٽ ويندو ته , هو ته مومن آهي. (دجال جي فتني کان بچي ويندو ) پر دجال سان جيڪي شيون هونديون انهن کي ڏسي دجال جي اتباع ڪري ويهندو . (سنن ابو داود 4319)

(4) دجال جي بهشت کان بچڻ دجال سان گڏ جيڪا بهشت جي صورت هوندي، ان کان بچي، ۽ جيڪا باهه جي صورت هوندي، ان ۾ وڃڻ اختيار ڪري، ڇاڪاڻ ته جيڪا باهه آهي، اها اصل ۾ بهشت آهي. حضرت حذيفه رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته : رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته : دجال سان ٻه وهندڙ درياه گڏ هوندا ٻنهي مان هڪڙي جو پاڻي بظاهر سفيد رنگ جو هوندو ۽ ٻئي ۾ بظاهر ڀڙڪندڙ باهه هوندي، جيڪڏهن ڪو ماڻهو (ان دور ۾ زنده هجي) ان کي ڏسي ته ان درياه ڏانهن اچي جنهن کي هو باهه جهڙو ٿو ڏسي، ۽ پنهنجون اکيون بند ڪري، پوءِ پنهنجو مٿو نمائي ان مان پاڻي پيئي ته اهو ٿڌو پاڻي هوندو . الله تعاليٰ سيني ايمان وارن کي دجال جي شر ۽ فتني کان محفوظ فرمائي. آمين



محمد موسيٰ ڀٽو
آمنه حامد زبيدي

# مادي تهذيب جي جديد آلي جا اثرات

خوبصورت ”موبائل“ مادي تهذيب جو اهڙو آلو آهي، جيڪو سڀ کان وڏيڪ طاقتور آهي، جيڪو ذهن ۽ دل کي ڪنٽرول ڪري ٿو . ان جو غيرضروري استعمال فرد جي شخصيت کي منفي رخ ڏيڻ جو ذريعو بڻجي وڃي ٿو . ڇاڪاڻ ته ان ۾ انسان جي حيوانيت کي اڀارڻ، مادي حسن تي فريفته ٿيڻ، جنسي خيالن جي غلبي ۽ فڪري انتشار پيدا ڪرڻ جو ايڏو سامان موجود آهي جو انساني تاريخ ۾ ان جو مثال نٿو ملي، يعني ايڏو همه گير ۽ همه جهتي منفي اثرن جو حامل آلو انساني تاريخ ۾ ان کان اڳ ۾ ڪڏهن وجود ۾ ناهي آيو . ڏٺو ويو آهي ته جيڪو ماڻهو جيترو وڌيڪ هن آلي کي استعمال ڪري ٿو ان جي ديني ۽ مذهبي ميلانات ۾ ايتري گهٽي گهٽتائي اچي ٿي وڃي جو هو دنياوي فڪر ۽ ڳڻتي ۽ مادي شين جي حرص ۾ مبتلا ٿيو وڃي، قرآن پاڪ ۾ سورة ”طه“ ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام کي فرمايو ٿو وڃي.

”جيڪو ماڻهو آخرت کي نٿو مڃي ۽ خواهشن جو پوئلڳ آهي، ڪٿي هو تو کي آخرت کان پري نه ڪري ڇڏي، جيڪڏهن ائين ٿيو ته پوءِ تون تباهه ٿي ويندين.“

هن مان معلوم ٿئي ٿو ته انساني شخصيت جي جوڙجڪ اهڙي طرح ٿي آهي جو جيڪڏهن هن گهٽي احتياط کان ڪم نه ورتو ته منفي قوتن جي حامل افراد جي صحبت هن جي ايمان کي ڪمزور ڪري سگهي ٿي، وڏي کان وڏو ديندار فرد به هن اصول جي خلاف ورزي ڪندو ۽ جديد خوبصورت آلي جي ذريعي نفس پرست انسانن جا حيواني ۽ خالص مادي مناظر ۽ مظاهر ڏسندو رهندو ته آهستي، آهستي ان جي ذهني حالت ۾ تغير ۽ تبديلي اچي ويندي، مادي حسن جا مناظر سندس دل کي مغلوب ڪري آخرت واري حياتي تان هنجو ڌيان هٽائي ڇڏيندا، دنياوي آسائشن جو حصول هاڻي ان جي زندگيءَ جو مقصد بڻجي ويندو .

ذڪر ڪرڻ وارو فرد بہ جيڪڏهن موبائل جو غير ضروري استعمال ڪندو تہ موبائل جي اثرن کان بچڻ ناممڪن ٿي ويندو.

اهو آلو مادي مقاصد کي فروغ ڏيڻ لاءِ نهيو آهي، هر تخليق ۾ ان جي ٺاهڻ وارن جا احساس، جذبا ۽ سوچون بہ شامل هونديون آهن. جيڪڏهن اسان چاهيون تہ هن آلي مان منفي اثرن کي ڪڍي مثبت مقاصد جي لاءِ استعمال ڪريون تہ ايئن ڪرڻ مشڪل آهي، پر هن آلي (موبائل) جي همه گير ۽ همه جهت (دنيا جي ڪنڊڪڙڇ تائين پهچ) خوبين جي ڪري ان کي مثبت مقاصد جي لاءِ استعمال ڪري ان مان ڪجھ نہ ڪجھ بهتر نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا، پر هن آلي کي غيرضروري طور تي استعمال ڪرڻ سان ديني ۽ مذهبي خيالات متاثر ٿي سگهن ٿا، تنهنڪري هن سلسلي ۾ احتياط ۽ تمام گهڻو احتياط ضروري آهي هاڻي معاملو ايترو اڳيان وڌي چڪو آهي جو هن آلي جي ذريعي وڏن وڏن عالمن سڳورن جون تصويرون بہ اچڻ لڳيون آهن، ان تي اسان جهڙو عام فرد ڇا ٿو چئي سگهي، بس دعا آهي تہ الله تعاليٰ اسان کي ۽ اسان جي اولاد کي موبائل جي منفي اثرن کان بچائي ۽ هن جي فتنن کان محفوظ رکي، اسان جون نيون نسلون هن آلي جي زد ۾ آهن، انهن جي تربيت هن آلي جي اثر هيٺ ٿي رهي آهي تنهنڪري هاڻي جيڪي نسلون تيار ٿي رهيون آهن، اهي تيزيءَ سان پنهنجي تهذيب کان لاپرواه ۽ فڪري انتشار جو شڪار ٿي رهيون آهن.

اها ڳالهہ صحيح آهي تہ جديد آلي جي ذريعي دين ۽ دنيا جي حوالي سان افراد کي هڪ ئي وقت ايڏي معلومات ملي ٿي جو فرد جو ذهن زرخيز ٿيو وڃي، پر جيئن تہ انسان ۾ حيوانيت ۽ نفساني جذبا تمام طاقتور هوندا آهن. جنس زدگي جا مناظر ڏسندي ئي هو مغلوب ٿي وڃي ٿو ۽ اهي جذبا هن جي ديني معلومات کي وسارڻ ۾ مدد ڏين ٿا. ذهن ايڏو متاثر هجي ٿو جو صحيح ۽ غلط جي سڃاڻپ ختم ٿيو وڃي.

حقيقت اها آهي تہ هن آلي ايمان ۽ عمل صالح جي لاءِ شديد خطرا پيدا ڪري ڇڏيا آهن ۽ پنهنجي پاڪيزه تهذيب تي اعتماد کي مجروح ڪيو آهي.

ڪاروباري ۽ دفتري مقاصد ۽ رابطن جي لاءِ هن آلي جي ضرورت ۽ افاديت کان انڪار ڪونهي پر هن جي نقصانن کان بچڻ جو اهتمام ڪرڻ



ضروري آهي، نہ تہ ڪاروباري ۽ دفتري مقاصد فرد کي مادي رجحانات ۽ مادي مقاصد جي راه تي گامزن ڪرڻ جو ذريعو بڻجي سگهي ٿو.

هڪڙي حديث شريف ۾ “شاهي چراگاه“ جي ويجهو پنهنجي جانورن کي چارڻ کان منع فرمايو ويو آهي، ڇو تہ ايئن جانورن جي شاهي چراگاه ۾ داخل ٿي وڃڻ جو خطرو لاحق هوندو آهي، اهڙو فرد شاهي مجرم قرار ڏنو ويندو آهي، ايئن برائيءَ جي سلسلي ۾ الله تعاليٰ جي مقرر ڪيل حدن جي پابندي نہ ڪرڻ انهن حدن جي ويجهو وڃڻ فرد کي شاهي چراگاه جي حدود ۾ داخل ٿيڻ جي خطري ۾ وجهي ٿو، جديد خوبصورت آلو اهڙو آهي جنهن کي ويجهو ڪرڻ سان بلڪ ان کي ڏسندو رهڻ سان گهڻا اهڙا موقعا ايندا آهن جتي فرد “شاهي چراگاه“ ۾ داخل ٿي ويندو آهي، اهڙي طرح هو شاهي مجرم ٿي عتاب جو شڪار ٿيندو آهي ۽ نيڪين کان پري ڪيو ويندو آهي.

حضرت موسيٰ عليه السلام جي حوالي سان جنهن آيت جو ترجمو پيش ڪيو ويو آهي، اها آيت هن جديد آلي تي پوري طرح لاڳو ٿئي ٿي، جو هن آلي جي بيجا استعمال سان آخرت فراموش ۽ نفس پرست ماحول سان صحبت ۽ لاڳاپو ٿئي ٿو، جنهن دل ڪاري ٿيو وڃي ۽ فرد جي آخرت تباه ٿئي ٿي.

هونئن موبائل جا گهڻائي فائدا آهن، افراد سان رابطي ۾ آساني ٿئي ٿي، دنيا جي هر ڪنڊ ۾ رهندڙ فرد سان ڳالهہ ٻولهہ ٿي سگهي ٿي، معلومات جو هڪ خزانو آهي جيڪو هن آلي جي ذريعي حاصل ٿئي ٿو، هن قسم جا گهڻائي فائدا آهن، پر هن آلي سان حيواني مناظر ۽ جنس زدگي جي جيڪا فضا ۽ نفسيات پيدا ٿئي ٿي، اها ايڏو وڏو نقصان آهي جو ان جي اڳيان سمورا فائدا حقير آهن، وري اهڙي معلومات جنهن سان عمل صالح جي قوت ۽ صلاحيت ڪمزور ٿيندي هجي ۽ فاسد اعمال ۾ اضافو ٿيندو هجي، هن قسم جي معلومات تہ بجاءِ فائديمند ثابت ٿيڻ جي تمام گهڻي نقصانڪار آهي.

الله تعاليٰ اسان جي حفاظت فرمائي. آمين .

حڪيم الاسلام مولانا قاري محمد طيب قاسمي
آمنه حامد زبيدي

# ڪائنات جي شين ۾

## انسانن جي بقا جو راز

نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي حديث مبارڪ آهي تہ "مثل الذاڪر في الغافلين ڪمثل الحي في الاموات" ترجمو: (غافلن جي درميان ذڪر ڪرڻ واري جو مثال ايئن آهي، جيئن مئلن جي درميان زنده) هن جي تفصيل کان اڳ اهو ذهن نشين ڪري وٺو تہ هن دنيا ۾ هر شئي جو هڪ پيڪر ، بدن ۽ جثو آهي، ۽ هڪ ان جو روح ، زندگي ۽ حيات آهي ظاهري جسم جيڪو توهان کي عطا ڪيو ويو آهي، اهو پاڻ مستقلا انسان ناهي، هي تہ انسان جي رڳو صورت ۽ علامت آهي، انسانيت هن صورت جثي جي اندر لڪيل آهي، جيڪا روح ۽ حقيقت جي صورت ۾ آهي، اها هن حقيقت جي جيڪا اسان جي اندر لڪل آهي، صرف ڏيکاءُ ۽ نمائش آهي، اصل ۾ اسان جي انسانيت اها ئي آهي ۽ انهيءَ جو نالو زندگي آهي.

جيڪڏهن انسان جي جسم مان روح ڪي ڪڍي ڇڏجي تہ بدن جو ڪو وجود ڪونهي، ڪجهہ ڏينهن جسم روح جي اثر هيٺ رهندو ، ٻہ ٽي ڏينهن گذرڻ کان پوءِ زندگيءَ جا جيڪي ٿورا گهڻا اثرات بدن ۾ سرايت ڪري ويا هئا، اهي زائل ٿي ويندا، اهو ئي جسم ڳرڻ ، سڙڻ شروع ٿي ويندو ، ڦاٽي پوڻ کانپوءِ ذرا ذرا ٿي پکڙجي ويندو ، مٽيءَ ۾ مٽي ملي ويندي پاڻيءَ ۾ پاڻي، باهہ ۾ باهہ ۽ هوا ۾ هوا ملي ويندي، ايئن سمورو شيرازو منتشر ٿي ويندو . هن بدن جي شيرازه بندي جيڪڏهن ڪنهن ڪري رکي آهي تہ اهو "روح" آهي، روح جي نڪري وڃڻ کانپوءِ بدن جي ڪا



اصليت ڪانهي، صرف ڪوڙ آهي، اهو ختم ٿي وڃي ٿو، ان مان واضح ٿيو تہ زندگي (حياتي) ظاهري صورت جو نہ (روحاني ) حقيقت جو نالو آهي، صورت هن زندگيءَ جي رڳو نمائش، مظاهرو ۽ ڏيکاءُ آهي .

### ڪائنات جي روح

هاڻي سمجهي وٺو تہ اها ئي صورت هن سموري ڪائنات جي آهي، هي جيڪو اسان جو مختصر جسم (ڪائنات) آهي اهو روح سان زنده آهي اهڙي طرح اها سموري ڪائنات بہ ڪنهن روح سان زنده آهي، جيستائين اها روح ڪائنات ۾ موجود آهي، هن سموري ڪائنات کي زنده سڏيو ويندو، جڏهن روح نڪري وئي تہ سموري ڪائنات جو تاڻيل تنبو اچي پٽ تي پوندو ، سڀ ڪجهہ درهم برهم ٿي ويندو ، ذرو ذرو وکري ويندو . اها "روح" هڪڙي شئي آهي؟، اها روح جيڪا انساني جسم ۾ آهي، اها ئي روح ڪائنات ۾ آهي، انسان جي روح جي باري ۾ قرآن پاڪ ۾ فرمايو ويو آهي "ويسئلونڪ عن الروح" ترجمو: اي پيغمبر! ماڻهو توهان کان روح جي باري ۾ پڇن ٿا ، "قل الروح من امر ربي " ترجمو: (تہ چئي ڇڏيو تہ "روح" الله جي امر سان آهي) روح هڪڙو حڪم ۽ لطيفئہ خداوندي آهي جنهن سان هي "ڪثيفئہ جسماني" سنڀاليل آهي، روح نڪري وڃي تہ ڪثيفہ ختم ٿي ويندو ، ايئن سموري ڪائنات جي روح بہ اصل ۾ لطيفئہ رباني آهي ۽ ان جو نالو "ذڪر الله" آهي، "ياد حق" سان هن ڪائنات جو ڪارخانو هلي رهيو آهي، جڏهن هن مان ذڪر خداوندي منقطع ٿي ويندو ، تڏهن هي ڪارخانو اچي پٽ تي پوندو ، نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جو فرمان آهي تہ "لا تقوم الساعتہ حتيٰ يقال في الارض الله."

قيامت ان وقت تائين قائم نہ ٿيندي، جيستائين هن ڪائنات ۾ هڪڙو بہ الله، الله چوڻ وارو موجود آهي، جڏهن هڪ بہ باقي نہ رهندو ۽ سمورا شرير ۽ غافل انسان باقي بچندا، جن جي دل ۾ نہ ياد حق هوندي، نہ ذڪر خداوندي ۽ نہ انهن جي زبان الله جي ذڪر سان تر هوندي، دليون الله

جي ذڪر ڪان غافل ٿي ان ڪي بالڪل وساري ويهنديون، نہ رڳو ساري ويهنديون بلڪ خالي ٿي ويهنديون. ذڪر دلين تان ميسارجي ويندو. يعني شرار الناس ۾ بدترين خلائق باقي رهندا. جن جي باري ۾ فرمايو ويو آهي لايعرفون معروفا ولا ينكرون ترجمو: ”منڪر نہ چڱائيءَ ڪي چڱائي سمجهندا ۽ نہ برائيءَ ڪي برائيءَ“.

دنيا ۾ ظلم ۽ بيحيائي وڌي ويندي. رستن تي ايئن بدڪاري ڪئي ويندي جيئن حيوان جانور ڪندا ويندا آهن. نہ حيا نہ غيرت هوندي. جڏهن سڄي ڪائنات جا سمورا انسان اهڙا ٿي ويندا، تڏهن قيامت قائم ڪئي ويندي. ”قيامت“ هن عالم جي ذري ذري ڪي منتشر ڪرڻ جو نالو آهي. آسمان ٽٽي پوندو . زمين ڦاٽي پوندي. هوا، باهہ . پاڻي ۽ مٽي سڀ هڪٻئي سان ملي ويندا. هر شئي درهم برهم ٿي ويندي. ڪائنات جو تاڻيل تنبو اچي پٽ تي ڦهڪو ڪندو. بلڪل اهڙي طرح جيئن روح جي نڪري وڃڻ سان بدن جو شيرازو وکري وڃي ٿو اهڙي طرح سموري ڪائنات جو شيرازو هن روح جي نڪري وڃڻ سان وکري ويندو . جنهن جو نالو ذڪر الله ۽ ياد خداوندي آهي.

هن مان واضح ٿيو تہ هن ڪائنات جي روح ذڪر خداوندي آهي. الله جو ذڪر ۽ ان جي ياد جيستائين مخلوق ۾ موجود رهندي. تيستائين ڪائنات جو تنبو تڪيل رهندو. جڏهن مخلوق الله جي ذڪر ۽ ياد ڪان غافل ٿيندي. ڪائنات جي هر شئي تهس نهس ٿي ويندي. تہ ظاهر ۾ ڪائنات اسان ۽ توهان سان سنڀليل ۽ قائم آهي. پر حقيقت ۾ الله جي ذڪر ڪرڻ وارن سان قائم آهي. جيستائين اهي موجود آهن. ڪائنات موجود آهي. جڏهن هي ختم ٿي ويندا. ڪائنات ختم ٿي ويندي. مطلب تہ هن سڄي ڪائنات جو ڪارخانو الله جي ذڪر ۽ ياد سان قائم آهي.

ڪائنات جو ذرو ذرو الله جي (ياد) ذڪر ۾ مشغول آهي اهو ئي سبب آهي جو اسلامي شريعت ٻڌائي ٿي تہ ڪائنات جو ذرو ذرو ذڪر خدا



ونديءَ ۾ مصروف آهي. هر وقت حق تعاليٰ جي ياد ۾ مشغول آهي ۽ جڏهن اهو ياد جو سلسلو منقطع ٿئي ٿو تہ اهو ئي هن ذري جي ختم ٿيڻ ۽ مٽجڻ جو وقت آهي. حديث شريف ۾ آهي تہ وڻ جي هر ٽاري الله تعاليٰ جو ذڪر ڪري ٿي. جڏهن ذڪر بند ٿو ٿئي تہ ٽاريون سُڪڻ لڳن ٿيون ۽ پن ڇڻيو وڃن. تہ واضح ٿيو تہ نباتات جي روح الله جو ذڪر ۽ ياد آهي. جيستائين موجود آهي. وڻ موجود آهي. ذڪر ختم ٿيو تہ وڻ سڪي ويندو. پن ڪري پوندا . اهو هن جي موت جو وقت هوندو.

قرآن ڪريم ۾ فرمايو ويو آهي تہ ”ذرو ذرو الله جي تسبيح ۾ مشغول آهي. پر توهان انهن جي تسبيح کي نٿا سمجهو.“

يسبح بحمده ولڪن لا تفقهون تسبيحهم .

ڪائنات جو ڪو ذرو ناهي جيڪو الله جي ذڪر ۾ مشغول نہ هجي پر توهان انهن جي تسبيح کي سمجهو نٿا، ڇو تہ توهان جي ٻولي ٻي آهي پکين ۽ جانورن جي ٻولي ٻي آهي. ڪائنات جي هر شئي جي ٻولي الڳ آهي. تنهن ڪري توهان انهن جي ٻوليءَ کي نٿا سمجهو. ۽ توهان هنن جي ٻوليءَ کي ڇا سمجهندؤ. توهان تہ پاڻ جهڙن انسانن منجهان گهڻن جي ٻوليءَ کي نٿا سمجهو . پنجاب ۾ رهڻ وارو بنگالي ٻولي نٿو ڄاڻي. بنگال ۾ رهندڙ پشتو نٿو ڄاڻي. هڪڙو پختونستان ۾ رهڻ وارو ترڪي ٻولي نٿو ڄاڻي. هڪڙو ترڪ سنڌي ٻولي نٿو ڄاڻي تہ سوچيو تہ هڪڙو ماڻهو پاڻ جهڙن ٻين انسانن جي ٻولي سمجهڻ کان قاصر آهي تہ اهو پٿرن پٿرن جي ٻولي ڪيئن سمجهندو ؟ پر ٻوليءَ کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. توهان نہ سمجهو تہ اهو تہ نٿو چئي سگهجي تہ بنگالي ٻوليءَ ۾ ڪو الله کي ياد ڪرڻ وارو ڪونهي. جي توهان پشتو نٿا سمجهو تہ . ايئن نٿا چئي سگهو تہ پٺاڻن ۾ ڪو الله ڪو ذڪر ڪرڻ وارو ڪونهي. هو الله کي ياد بہ ڪندو . ذڪر بہ ڪندو . توهان وينا منهن ڏسندؤ ڇو تہ توهان ان جي ٻولي نٿا سمجهو.

ان جو مثال بلڪل ايئن آهي جيئن توهان ٽيليگراف جي آفس ۾ وڃي تار جو مضمون ڏيئي ان جي فيس ادا ڪئي، ته تار بابو مضمون موڪلڻ لاءِ ڪٽ ڪٽ شروع ڪئي، توهان سوچيندا ته مون ته هي نياپو موڪلڻ لاءِ چيو هو ته ، ”مان فلاڻي تاريخ تي اچان ٿو.“هي ته الائي ڇا ڪٽا ڪٽ لڳائي وينو آهي، حقيقت ۾ هن ڪٽ ڪٽ جي ذريعي هڪڙي ملڪ کان ٻئي ملڪ ۾ هڪڙي شهر کان ٻي شهر نياپا پهچن ٿا، پر توهان هن فن کان ناواقف آهيو، ان ڪري نٿا سمجهو. اهڙي طرح هڪڙو پکي پنهنجي ٻوليءَ ۾ چون چون ڪري ٿو يا سيٽي وڄائي ٿو ته توهان سمجهو ٿا ته هونئن ئي سيٽيون ٿو وڄائي ، پر حقيقت ۾ هو الله جو ذڪر ٿو ڪري، ڪو جاندار يا بيجان شئي اهڙي ڪانهي جيڪا الله جو ذڪر نه ڪندي هجي، اسان کي ان جو فهم ۽ شعور ناهي، ”ولڪن لاتفقهون تسبيحهم“ توهان انهن جي تسبيح کي سمجهيو ڪونهي، ورنه هو تسبيح ۾ مشغول آهن.

حديث پاڪ ۾ آهي اڇو ڪپڙو الله جي تسبيح ٿو ڪري، جڏهن ميرو ٿئي ٿو ته الله جو ذڪر بند ٿيو وڃي ماڻهو ان کي مٽائي ٻيو ٿا پائين. ميري ڪپڙي کي جڏهن ڌوئي صاف ٿو ڪجي ته هو وري ذڪر ۾ مشغول ٿي وڃي ٿو.

انهيءَ ڪري فقهاء لکن ٿا جنهن شخص کي مسجد جو امام مقرر ڪيو وڃي، ان کي گهرجي ته هو ميرا ڪپڙا پائي نماز نه پڙهائي، جو ته ڪپڙو هڪڙي ڏينهن ڪانپوءِ مٽي ۾ پگهر جيڪري پائڻ جهڙو نٿو رهي. علماءِ عرب لکن ٿا ”لذة الثوب يوم“.

هڪڙي ڏينهن ڪانپوءِ ڪپڙن مان پگهرجي ڏپ اچڻ لڳي ٿي امام کي اهڙن ڪپڙن سان نماز پڙهائڻ مڪروهه آهي، ڇاڪاڻ ته امام الله جي بارگاه ۾ مقتدين جي لاءِ روشن مثال آهي ۽ قابل تعظيم آهي، نماز پڙهندي جيڪڏهن مقتدين جي دل ۾ امام جي خلاف ڪو خيال آيو ته الله سان انهن جو تعلق ڪيئن قائم ٿيندو؟



## ”مخلوقات جي تسبيح جي باري ۾ اهل باطن جو ادراڪ“

اهل باطن کي ڪڏهن ڪڏهن الله جي طرفان علم عطا ڪيو ويندو آهي، هو ڪائنات جي هرشئي جي تسبيح کي ٻڌن ۽ سمجهن ٿا. انبياءِ ڪرام، عليهم السلام کي معجزي جي طور تي اهو علم ڏنو ويندو آهي، حضرت سليمان عليه السلام جو معجزو اهو ئي آهي ته هو پکين جي ٻولي ڄاڻندا هئا، سليمان عليه السلام جو قول قرآن مجيد ۾ نقل ڪيو ويو آهي”يا ايها الناس علمنا منطق الطير واوتينا من كل شئي“ (سورة نمل آيت 160) حضرت سليمان عليه السلام جيتن ۽ پکين جي ٻولي ڄاڻندا هئا .

حديثن ۾ مختلف جانورن جا تقريبا ارڙهن، اٺويهه مثال ڏنا آهن، ۽ انهن جي تسبيح جو ذڪر ڪيو ويو آهي، تتر هي ٿو چوي ۽ مور هي ٿو چوي، فلاڻي جو هي ذڪر آهي ۽ فلاڻي جي هي تسبيح آهي، تتر جي باري ۾ حديث ۾ آهي ته ان جي تسبيح آهي ته ”كما تدين تدان“ ترجمو: جهڙي ڪرڻي، تهڙي پرڻي اها هڪ نصيحت آهي، جيڪا هر وقت ان جي زبان مان نڪرندي رهي ٿي، ڪجهه پکين جي هيءَ تسبيح آهي ”سبحان من زين الرجال باللحي، وزين النساءِ باالدوائب“ ”پاڪ آهي اها ذات جنهن مردن کي ڏاڙهين سان ۽عورتن کي مٿي جي وارن جي چوٽين سان زينت ڏني،“ مختلف نصيحتون پکين جي واتان ٻڌجن ٿيون، پر اسان سمجهي نٿا سگهون .

صاف سٿرو ماحول هوندو ته قلب ۾ پاڻمرادو ذڪر الله جي رغبت پيدا ٿيندي، گندگي واري ماحول ۾ دل تي غفلت ۽ سستيءَ جو غلبو طاري هوندو، توهان ڪنهن باغ جي گلن ۽ سائي ڇپرجي ويجهو ويهندؤ ته اتي الله جي تعريف ۽ ساراه دل مان نڪرندي جو ته ساوڪ پاڻ الله جي تسبيح ۾ مشغول آهي، اڪثر اهل الله کي ڏٺو ويو آهي ته درياهه جي ڪناري ساوڪ تي ويهي الله جو ذڪر ڪندا آهن، سبب اهو آهي ته آس پاس واري ماحول جو ذڪر سندن قلوب تي اثر انداز ٿيندو آهي، حديث مبارڪ ۾ آهي ته وهندڙ پاڻي

الله جي تسبيح بيان ڪري ٿو. جڏهن رڪجي ٿو وڃي تہ تسبيح بند ٿي وڃي، وهندڙ پاڻي ذڪر جي حيات جي ڪارڻ درحقيقت زنده آهي ۽ جڏهن بيهي ٿو رهي، جنهن کي ”ماء راڪد“ چون ٿا، ان ۾ تغير اچي ۽ پاڻي خراب ٿي ڏپ ڪري ٿو وڃي، تسبيح بند ٿي ويندي آهي تسبيح جي بند ٿيڻ سان لطافت جي روح ان مان نڪريو وڃي، ان جي اندر ڪثافت پرجيو وڃي، بهرحال وهندڙ پاڻي الله جو ذڪر ٿو ڪري، سفيد ڪپڙو الله جي ساراهہ ٿو ڪري،وڻ، ٽڻ ۽ گل ٻوٽا الله جي واکاڻ ڪندا رهن ٿا. نڪر ، پٿر ۽ پٿر الله جي وڏائي بيان ڪندا رهن ٿا مطلب تہ ڪائنات جي هر شئي پنهنجي حال ۽ قال سال الله جل شانه جي تسبيح ۾ مشغول آهي، پر اسان کي سمجهڻ جي قوت ناهي جن کي حق تعاليٰ علم ڏئي ٿو اهي ئي ڄاڻن ٿا.

## (نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي جانورن سان گفتگو)

حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جن پکين ۽ جانورن جي ٻولي سمجهندا هئا، ايتري قدر جو ڪڏهن انهن جي معاملن ۽ جهيڙن جو فيصلو بہ فرمائيندا هئا، حديث شريف ۾ آهي تہ ، هڪڙو اٺ پنهنجي ٻوليءَ ۾ پڙ پڙ ڪندو ۽ اکين مان ڳوڙها ڳاڙيندو آيو ۽ پنهنجو منهن حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جي قدمن مبارڪن تي نمائي بيٺو. اٺ جي مالڪ کي سڏيو ويو. اهو آيو تہ حضور جن کيس ٻڌايو تہ هي اٺ تنهنجي دانهن کڻي آيو آهي، چوي ٿو تہ تون هنجي طاقت کان وڌيڪ هن تي بار رکندو آهين، هن اقرار ڪيو ۽ چيو تہ يا رسول الله! آئون برابر هن جو ڏوهاري آهيان، پاڻ سڳورن فرمايو آئنده ايئن نہ ڪجانءِ . اٺ خوش ٿيندو واپس ويو. ايئن پاڻ سڳورن هڪڙي اٺ جي ٻوليءَ کي سمجهي ان جي فرياد ٻڌي ۽ ان جي حق ۾ فيصلو فرمايو.

اهڙي طرح هڪڙي حديث ۾ آهي تہ پاڻ سڳورن جو هڪڙي ڳوناڻي جي گهر وٽان گذر ٿيو، جتي هڪڙي هرڻي ٻڌل هئي ۽ پاڻ کي ڇڏائڻ جي لاءِ حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جي اڳيان فرياد ڪري رهي هئي، پاڻ



سڳورن فرمايو. هي ڳوناڻو تو کي پڪڙي آيو آهي، اچي هتي ٻڌو اٿائين، هاڻي تون هن جي ملڪيت آهين، آئون تو کي ڪيئن ڇڏي ڏيان؟، هرڻي عرض ڪيو تہ يا رسول الله منهنجا ٻچا ٻکيا آهن، آئون انهن کي کير پيارينديس آهيان، جي آئون نہ ويس تہ هو بک ۾ مري ويندا، توهان مون کي کوليو، آئون کير پياري واپس ٿي اچان، پاڻ سڳورن واپسيءَ جو واعدو وٺي ان کي کولي ڇڏيو. هرڻي ڪڏندي ڊوڙندي ٻچن ڏانهن وئي، ٿوري دير کان پوءِ کير پياري واپس اچي انهي جاءِ تي بيٺي، پاڻ سڳورن وري ان کي رسيءَ سان ٻڌي ڇڏيو. ايتري ۾ هرڻيءَ جو مالڪ واپس اچي ويو. پاڻ سڳورن کيس فرمايو تہ تو هن هرڻيءَ کي قيد ڪري زيادتي ڪئي آهي، ننڍيان هن جا ٻچا آهن، جيڪي ماءُ کان سواءِ بک ۾ مري ويندا، تون هن کي ڇڏي ڏي.“ هُن نصيحت قبول ڪئي ۽ هرڻيءَ کي آزاد ڪري ڇڏيائين، انبياء عليهم السلام کي معجزي جي طور تي پکين، جيتن ۽ جانورن جي ٻولي سمجهڻ جو علم عطا ڪيو ويو هو.

## (نوع انسان کان سواءِ دنيا جي هر نوع جي هڪڙي ئي ٻولي آهي).

جيئن حضرت آدم عليه السلام کي دنيا جي سمورين ٻولين جو علم عطا فرمايو ويو هو. قرآن پاڪ ۾ فرمان آهي تہ : ”وعلم آدم الاسمآءَ کلها.“ (سورة بقرة آيت نمبر 31)

آدم عليه السلام کي سيني شين جا نالا سيکاريا ويا هئا، ان جي هڪڙي تفسير اها بہ آهي تہ ”وعلم آدم الاسماءَ کلها“ يعني، ”علم اللغات کلها“ آدم عليه السلام کي سموريون لغتون سيکاريون ويون هيون، جيڪي قيامت تائين ٻوليون ڳالهيون وينديون، اهي سڀ سيکاريون ويون، حضرت آدم عليه السلام جي پهرين نسل اهي سڀ ٻوليون ڄاڻندي هئي، پر وقت گذرڻ کانپوءِ انهن جون نيون نسلون دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويون، ڪو قبيلو ڪٿي آباد ٿيو ۽ ڪو ڪٿي آباد ٿيو تہ اتي جي زمينن جون

پنهنجون خصوصيتون هيون. هر هڪ قبيلي جي مٿان هڪڙي هڪڙي لغت جو غلبو ٿيو . ايئن ٻوليون الڳ ٿي ويون تہ هر ڪنهن پنهنجي ٻوليءَ تي ڌيان ڏنو ۽ ٻئي جي ٻوليءَ کي سمجهڻ کان محروم رهيو . ان کي الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ پنهنجي قدرت جي نشاني فرمايو آهي. ”ومن آياته خلق السماوات والارض واختلاف السنتکم والوانکم.“

ترجمو: (هن جي قدرت جي نشانين منجهان آهي آسمانن ۽ زمين جي پيدائش ۽ توهان جي ٻولين ۽ رنگن جو اختلاف) يعني بني آدم هن ۾ مختلف آهن. حالانڪ هڪڙي ئي ماءُ پيءُ جا اولاد آهن. هڪڙي جنس، هڪڙي نوع پر نہ هڪٻئي سان صورت ٿي ملي، نہ رنگ ۽ نہ ٻولي. هڪڙو پنجابي ٿو ڳالهائي ٻيو بنگالي، هڪڙو عربي ٿو ڳالهائي ٻيو انگريزي. دنيا ۾ جيترا بہ جاندار آهن. هر نوع جي پنهنجي الڳ ٻولي آهي. ڪٿي اهو ڪنهن بہ ملڪ جو هجي، طوطو ٽين، ٽين ڪندو چاهي هندستان جو هجي يا عربستان جو . مور هڪڙي ئي ٻولي ٻوليندو . چاهي اهو ٿر جو هجي يا افريقا ۽ يورپ جو . ڪبوتر هڪڙي ئي نموني هُو، هُو ڪندو . ڪٿي ڪنهن بہ علائقي جو هجي، پر انسان قسمين قسمين ٻوليون ڳالهائي ٿو . ترڪ الڳ ٻولي ٿا ڳالهائين، عرب الڳ يورپين ۽ ايشين الڳ انداز سان ڳالهائين ٿا . اها الله جي قدرت جي نشاني ناهي تہ ٻيو ڇا آهي. جو هڪڙي جنس جا سمورا افراد آهن. پر رنگ ۽ ٻوليون جدا جدا آهن.

## (انسان جي غفلت)

بهرحال هر شئي پنهنجي، پنهنجي ٻوليءَ ۾ الله جي پاڪائي بيان ڪري ٿي، پر اسان سمجهڻ کان قاصر آهيون. جيئن اسان هڪٻئي جي ٻوليءَ کي نٿا سمجهون. غرض، ڪائنات جي هر شئي الله جو ذڪر ڪري ٿي، سائي وڻ جو ٽاريون هجن يا وهندڙ پاڻي هجي، سفيد رنگ جو ڪپڙو هجي يا بيجان پٿريون هجن. هر شئي تسبيح ۾ مشغول آهي، نٿو ڪري تہ انسان الله جو ذڪر ۽ وڏائي بيان نٿو ڪري، انسان الله جي ياد کان غافل ۽



دنياوي ڌنڌن ۾ مشغول آهي. حالانڪ سڀ کان وڌيڪ ان کي الله جو ذڪر ڪرڻ کپندو هو. ڇو تہ سڀ کان وڌيڪ نعمتون انسان ذات کي عطا ڪيون ويون آهن. ڪائنات ۾ ڪنهن کي بہ نعمتن سان ايترو ناهي نوازيو ويو جيترو انسان کي نوازيو ويو آهي. انسان الله تعاليٰ جي تمام پياري مخلوق آهي جنهن کي اشرف المخلوقات بڻايو ويو . تہ سڀئي ذاڪر حق آهن. پر هي حق تعاليٰ سان آهي. حالانڪ سڀ کان وڌيڪ ذاڪر انسان کي هجڻ کپندو هو . ڇو تہ ان تي الله تعاليٰ جي انعامات ۽ احسانات جي برسات همه وقت جاري وساري آهي.

## (سموري ڪائنات انسان جي غذا آهي)

انسان ڪانسواءِ هر مخلوق جو لباس ان جي کل آهي . مثلا پکي، جيت ۽ جانور. پر انسان جو الڳ لباس آهي. رنگ برنگي ڪپڙا ۽ پنهنجي پسند جا ڊيزائن استعمال ڪري سگهي ٿو . هر مخلوق جي هڪڙي غذا آهي. ڪو گاهہ ٿو کائي، ڪو داڻو چڳي ٿو . ڪو گوشت ٿو کائي تہ ڪو ميوا ٿو کائي. پر انسان هڪڙي اهڙي مخلوق آهي جيڪو هر قسم جي غذا کائي ٿو. گوشت، ڀاڄيون ۽ ميوا اناج. غرض جمادات، نباتات ۽ حيوانات سڀ هن جي غذا ۾ شامل آهن. ويندي سون ۽ چانديءَ جا ڪشتا بہ کائي ٿو وڃي. ڪٿو ۽ چونو بہ نٿو ڇڏي، گل ٻوٽا ۽ گلقند . شربت . مطلب تہ لذت ۽ ذائقي جي لاءِ دنيا جي هر شئي هن جي پيٽ ۾ هضم ٿيو وڃي. تہ ڪائنات جي هر نوع جي هڪڙي غذا، ۽ پوري ڪائنات انسان جي غذا .

## (سڄي ڪائنات انسان جي سواري آهي)

هر مخلوق پنهنجي پيرن تي هلي ٿي. انسان سوارين تي ڪٿي هلايو ٿو وڃي. حيوانات ان جي سواري آهن. نباتات ۽ جمادات ان جي سواري آهي. ريل. بس ۽ گاڏيون جمادات ۾ شامل آهن. انسان هوا ۾ ۽ سمنڊ ۾ بہ سواري ڪري ٿو. ڌرتيءَ جي مٿان تہ هي هر وقت سوار آهي. ڪو جاندار اهڙو ناهي جنهن کي سواري ڏني وئي هجي. هر ڪو پنهنجي پيرن تي هلڻ لاءِ مجبور

آهي، صرف انسان کي مقرب ۽ معظم بڻايو ويو. سموري ڪائنات هن جي سواري بڻجي وئي.

سڄي ڪائنات هنجو لباس آهي، جانورن جي کل هجي يا وڻن جا ڇوڏا، هجن، ريشم جي ڪيئن مان پٽ (حرير) به ناهي پائي ٿو. مطلب ته سموري ڪائنات هن جي غذا، سموري ڪائنات هن جي سواري ۽ سموري ڪائنات هنجو لباس، الله جي طرفان انسان لاءِ ايڏو لاڏ ۽ پيار. جو هن سموري ڪائنات کي انسان جي خدمت تي لڳائي رکيو آهي، ڪائنات جي جيڪا شئي وٽيس ان کي کائي، جيڪا شئي وٽيس ان کي پائي، جنهن تي وٽيس ان تي سواري ڪري، غرض هر شئي کي انسان لاءِ مسخر ڪيو ويو آهي. سڀ کان وڌيڪ ته انسان کي الله جو ذڪر ڪرڻ ڪپندو هو. پر سيني مخلوقات کان وڌيڪ جيڪڏهن الله جي ياد ۽ ذڪر کان ڪو غافل آهي ته اهو "انسان" آهي، وڻ، ٽڻ پوٽا ۽ پٿر نڪر. پٿر به الله جي ذڪر ۾ رڌل رهن ٿا.

## انعامات جي تقاضا ڇا آهي؟

پٿرن جو شان اهو آهي ته (يتفجر منه الانهار).

بيو ڪجهه نه ته روئي پون ٿا. پٿرن مان پاڻي وهي نڪري ٿو، مٿان کان هيٺ اچي ڪريو پون. اها انهن جي تواضع ۽ انڪساري آهي، پر اگر فرعونيت ۽ تڪبر پريل آهي ته انسان ۾ آهي، نه ان جي اک مان ڳوڙهو ڳڙي ٿو. نه هو تواضع ۽ انڪساريءَ ۾ ڪنڌ نمائي ٿو. ته سڀ کان وڌيڪ جيڪڏهن الله جي ذڪر کان ڪو غافل آهي ته اهو انسان آهي، حالانڪ ان کي الله جو سڀ کان وڌيڪ ذڪر ڪرڻ گهربو هو. ڇو ته انسان تي الله جي انعامن جي برسات وسندي رهي ٿي.

## (حياتيءَ جي حقيقت)

ان ڪري حديث پاڪ ۾ فرمايو ويو آهي ته : " الله جو ذڪر جيئن ته حيات آهي، ته ذڪر ڪرڻ وارو غافلن ۾ ايئن آهي، جيئن مئلن ۾ ڪو زنده



وينو هجي." جيڪڏهن هڪ پريل مجمعو غافلن جو هجي، ان ۾ هڪڙو الله کي ياد ڪرڻ وارو موجود هجي، اهو ايئن آهي، جيئن مئلن ۾ ڪو جيئرو وينو هجي، تنهن ڪري زندگي بدن جو نالو ناهي، بلڪ قلب جي زندگي، زندگي آهي.

۽ قلب جي زندگي الله جي ياد سان وابسته آهي، غافل دل وارو انسان، بي روح جسم جيان زنده آهي، (هٿ، پير، اکيون، ڪن ۽ نڪ اهي سڀ عضوا اسان کي هٿيارن طور عطا ڪيا ويا آهن، ته جيئن اسان انهن هٿيارن جي ذريعي پنهنجي عاقبت سنواري سگهون) هيءَ جسماني زندگي مانيءَ جي محتاج آهي، اها ايڏي ته عارضي آهي، جو ٻه ڏينهن ماني نه ملي ته بنان تيل جي ڏيئي وانگر اجهامڻ لڳي ٿي، خوراڪ بند ٿئي ته بدن بيڪار. پر قلب جي زندگي دوامي زندگي آهي، ڇو ته الله جو ذڪر جيڪا زندگي پيدا ڪري ٿو. اها دوامي زندگي هوندي آهي ۽ اها نفس جي اندر قائم ٿي ويندي آهي.

# شڪر گذار دل جي اهميت

ننڍپڻ ۾ پنهنجي وڏڙن جي واتان ٻڌندا هئاسين تہ "الله جا شڪرانا ادا ڪندا رهو تہ جيئن ان جي قرب جا حقدار بڻجو. سوچيم تہ رب پاڪ تہ آهي ئي قريب، پر هاڻي اها ڳالهہ سمجھ ۾ آئي آهي تہ رب پاڪ تہ ويجهو ئي آهي، اسان ئي ان کان ڏينهون ڏينهن پري ٿيندا ٿا وڃون، ان جي رحمت پري آغوش کان، ان جي فضل وڪرم کان گهٽو پري، پنهنجي ادنيٰ هستيءَ ۾ دنيا جهان جون خواهشون پري وينا آهيون ۽ دنيا جي حرص ۾ مشغول ٿي غلطين تي غلطيون ڪندا ٿا رهون، ڪردار واطوار جون غلطيون، زهريلي روين ۽ لهجن جون غلطيون، پوءِ جڏهن زخمي ٿيون ٿا تہ وري موٽي انهيءَ آغوش ۾ پناهہ پنڻ اچي ٿا وڃون.

پوءِ اهي رابطا، اهي سلسلا وري ڪمزور ٿيڻ لڳن ٿا، جي انهن کي قائم رکڻ لاءِ ڪوشش نہ ڪئي وئي تہ . بس ان کي محسوس ڪرڻ ۽ ان سان رابطي ۾ رهڻ، شڪر گذاريءَ جي اها دري آهي، جنهن مان ليئو (جهاتي) پائڻ واري جي ٿڌي ۽ معطر هوا استقبال ٿي ڪري، جنهن سان روح بہ سرشار ٿيو وڃي پنهنجي الله سان رابطو رکڻ ضروري آهي، صبح جو ننڊ مان صحيح سلامت اٿڻ تي الله جو شڪر ادا ڪرڻ، پنهنجي پيرن تي هلي وضو (ڪرڻ) لاءِ صاف پاڻيءَ جي موجودگيءَ تي الله جو شڪر . رب پاڪ جي عبادت جي سعادت نصيب ٿيڻ تي الله جو شڪر ادا ڪرڻ، رب پاڪ جي عبادت جي سعادت نصيب ٿيڻ تي الله جو شڪر ادا ڪرڻ، خالي پيٽ ننڊ مان اٿڻ کانپوءِ پيٽ پري نيرن ڪائڻ تي الله جو شڪر ادا ڪرڻ، مزيد هي هٿ سلامت آهن جو ماني وات ۾ وجهي ٿا سگهون، ڏند سلامت آهن جو چٻاڙي سگهون ٿا، زبان سلامت آهي جو ذائقو ۽ لذت محسوس ٿئي پيو .



غرض ڪهڙي ڪهڙي نعمت آهي، جنهن جو شڪر ادا ڪرڻ اسان تي واجب ناهي؟

بس پنهنجي الله سان رابطو قائم رکو، ننڍي ننڍي شئي بہ ان کان گهري وٺو. (ان ۾ شرم محسوس نہ ڪريو تہ ايڏي معمولي شئي ڇو گهران؟) مثلا گهران نڪرڻ لڳو تہ دعا ڪريو تہ سواري سَني ملي، مون اهو آزمائي ڏٺو. ڇا ڇا تہ مهربانيون آهن منهنجي مالڪ جون ۽ اسان جون نافرمانيون آهن جو ختم ٿيڻ جو نالو ئي نٿيون وٺن، هو تہ ايڏو ٻاجهارو آهي جو ٻانهي جي معمولي دانهن تي بہ ورنائي ٿو. ڪڏهن دل ۾ فرياد ڪجي تہ لڳي تہ هن ٻڌي ورتو آهي، هاڻي ڪم ٿي ويندو.

اها ئي تہ آهي شڪر گذار دل، ڪائنات جي هر شئي ۾ ان جي رنگن کي جانچڻ، هر جاءِ تي پکڙيل ان جي خوشبوءِ کي محسوس ڪرڻ، ان جي هڪڙي هڪڙي عطا، ان جي هر هڪ ادا ۽ ان جي هڪ هڪ شاهڪار جي ڪاريگريءَ تي سوچ ۽ ويچار ڪرڻ "منتشر خيالن جي وچ ۾ پائمال ٿيندڙ نعمتون" الله تعاليٰ جون اهي نعمتون جيڪي اسان بي خياليءَ ۾ واپرايون . جن جي استعمال ڪرڻ وقت نہ شڪر جو جذبو دل ۾ جاڳيو . نہ ئي ڪا لذت ۽ راحت محسوس ڪئي، مثلا، ٿي وي ڏسندي ماني کائڻ جو نہ ذائقو محسوس ٿيو، نہ دل شڪر جي جذبي سان سرشار ٿي، قيمتي ڪپڙن ۽ ٻين نعمتن کي پنهنجو حق سمجهي استعمال ڪيو ناقدريءَ جي ورچڙهي ويل اهي پل توهان کي ڪيئن نہ ٽڪائيندا؟ توهان تہ ان نعمت جو لطف ئي حاصل نہ ڪيو جيڪا توهان کي عطا ڪئي وئي هئي، اها تازگي ۽ سرور توهان حاصل نہ ڪيو، جيڪو هئو ئي توهان جي لاءِ.

سڀ کان وڏي شئي جيڪا انسان کان مطلوب آهي، اُها اها آهي تہ هو پنهنجي خالق ومالڪ جو شڪر گذار بڻجي، هي تہ هو الله جي نعمتن جو اعتراف ڪري، پر دنيا ۾ جيڪا شئي گهٽ نظر ٿي اچي، اها ئي شڪر ۽ اعتراف آهي، انسان الله جي انعامات جي هجوم ۾ زندگي گذاري ٿو، پوءِ

بہ ناشڪري ڪندو رهي ٿو. هي ان ڪري جو هو الله جي تقسيم تي ناخوش آهي. جنهن ڪي الله تعاليٰ دنياوي نعمتن سان مالا مال ڪيو. هو ان سان حسد ٿو ڪري. جنهن ماڻهوءَ جي سڄي حياتي پاڻ تي ترس ڪائيندي گذري تہ اهو شڪر ڪيئن ڪندو؟

هفتو ڪن اڳ 3 آڪٽوبر تي لاهور سبزه زار ۾ هڪڙو واقعو پيش آيو. هڪ پيٽيوي پنهنجي سالي ۽ ان جي زال ڪي ماري پوءِ پيٽرول وجهي ساڙي ڇڏيو. ڇو تہ هو مالي لحاظ ڪان ان ڪان وڌيڪ بهتر حال ۾ هو. سبب اهو ئي حسد جو جذبو هو.

(جيڪو نيڪين ڪي ايئن ٿو ڪائي، جيئن باهہ سڪل ڪاٺين ڪي)

شڪر هڪ دريافت جو نتيجو آهي، اهو ايئن تہ ماڻهو پهرين پنهنجي الله جي محسن هجڻ ڪي دريافت ڪندو آهي، پوءِ اها دريافت ان جي ذهن ڪي سجاڳ ڪندي آهي، پوءِ انسان پنهنجي ادنيٰ حيثيت ۽ پنهنجي عظيم رب جي رفعت تي ويچار ڪندو. جيئن جيئن سوچيندو تيئن پاڻ ڪي عطا ٿيل بي شمار نعمتن ڪي محسوس ڪرڻ لڳندو. پوءِ ان جي نتيجي ۾ انسان جي دل مان الله جي لاءِ شڪر جو چشمو ڦٽي نڪرندو. جيڪو ان جي روح ڪي سيراب ڪري ڇڏيندو آهي.

انسان جي اندر پيدا ٿيڻ واري اها داخلي ڪيفيت شڪر ۽ اعتراف جي الفاظ ۾ ظاهر ٿيندي رهندي آهي. "اعتراف" رب تعاليٰ جي رحمتن ۽ نعمتن جو اعتراف، ان جي بيحد وحساب فضل وڪرم جو اعتراف، جيڪو شڪر جي الفاظ ۾ ادا ٿيڻ لڳي ٿو.

دريافت جي سطح تي جنهن شڪر ڪي نہ ڄاتو، اهو اظهار جي سطح تي بہ شڪر جي مطلوب عبادت نٿو ڪري سگهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ انسان هر مليل شئي ڪي الله جي بجاءِ پنهنجي خاني ۾ ٿو وجهي، ان ڪي وجود ڪيئن مليو. پيءُ ماءُ جي ذريعي. هو دنيا ۾ زنده ڪيئن آهي، پنهنجي تدبيرن جي ڪري، هن ترقي ڪيئن ڪئي، پنهنجي هوشياري



جي ڪري، ڪيس عزت جو مقام ڪيئن مليو؟ پنهنجي تعلقات جي ڪري، وغيره وغيره اهڙي طرح الله تبارڪ وتعاليٰ جي عطا ٿيل نعمتن ڪي هو ٻين سان منسوب ڪري ٿو. ان غلطي جو اهو نتيجو آهي جو انسان جي دل ۾ شڪر جو جذبو جاڳي ئي نٿو. جيڪو شڪر جي نعمت سان مالا مال آهي اهو انسان وڏو خوش نصيب آهي.

# سوچ جي پرواز

قرآن ڪريم جون ڪيتريون ئي آيتون اهڙيون آهن، جتي ترجمي ۽ تفسير کان سواءِ سوچ جي بہ ضرورت هوندي آهي. يعني آيت پڙهڻ کان پوءِ اتي بيهي سوچڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي ان منظر ۾ وٺي وڃڻ، جتي اهو واقعو پيش آيو هو. پر سچ تہ اهو آهي تہ اسان پنهنجي سوچ جي پرواز کي قرآن جي ماحول سان جوڙڻ جي ڪوشش ئي نٿا ڪريون. مثلا.

جڏهن ڪيئي سال گذرڻ کانپوءِ حضرت يوسف عليه السلام، پنهنجي پيءُ حضرت يعقوب عليہ السلام سان مليا هوندا، تہ ٻنهي جي دل جي ڪهڙي ڪيفيت هوندي؟

جڏهن حضرت موسيٰ عليہ السلام جي ڀيڻ، درياهہ جي ڪناري پنهنجي معصوم ڀاءُ جي صندوق کي لڪي ڏسندي ويندي هوندي ۽ ڪيس هر وک تي ڊپ لڳي رهيو هوندو تہ ڪٿي فرعون جو ڪو ماڻهو ڏسي نہ وٺي؟

جڏهن فرعون جي زال بي بي آسيہ، فرعون جا ظلم سهي سهي اها دعا ڪرڻ ويني هوندي تہ: "اي منهنجا رب! منهنجي لاءِ پاڻ وٽ بهشت ۾ گهر ٺاهہ ۽ فرعون جي ظلم کان مون کي بچاءِ!"

۽ اهو وقت جڏهن حضرت شعيب عليہ السلام جي ڌيءُ پيءُ جي چوڻ تي حضرت موسيٰ عليہ السلام کي سڏڻ لاءِ اڪيلي جهنگ مان هلندي وئي هوندي، تڏهن ان جي دل جي ڪهڙي ڪيفيت هوندي، جڏهن شرمائيندي ان کي پيءُ جو پيغام ڏنو هوندائين؟

جڏهن "حبيب نجار" شهر جي پرانهين ڪنڊ تان ڀڄندو ايندو هوندو، پنهنجي قوم کي اهو ٻڌائڻ جي لاءِ تہ: اي منهنجي قوم! انبياء ڪرام جي ڳالهہ مڃو انهي ۾ ڀلائي آهي، ۽ مون کي ڇا ٿيو آهي جو جنهن مون کي پيدا



ڪيو ان جي عبادت نہ ڪريان ۽ جنهن ڏانهن موٽي وڃڻو آهي. سو ٻڌي وٺو، مون تہ توهان جي رب تي ايمان آڻي ورتو.

جڏهن حضرت لوط عليه السلام پنهنجي ايمان وارن ساٿين سان گڏ، الله تعاليٰ جي حڪم تي رات جو پنهنجي ڳوٺ کي ڇڏي وڃي رهيا هوندا تہ هنن جي دل جي ڪهڙي ڪيفيت هوندي؟

جڏهن حضرت ابراهيم عليه السلام پنهنجي سڪيلڌي معصوم پٽ کي ۽ زال کي الله جي حڪم تي هڪ ويران ميدان ۾ (جتي سواءِ جبلن جي ڪا ساوڪ ۽ پاڻي موجود نہ هو) ڇڏي وڃي رهيا هوندا تہ سندن دل، الله تي ڀرپور توڪل سان ڪيڏي نہ سرشار هوندي؟

جڏهن جبلن جي وچ ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ حضرت اسماعيل عليه السلام خانہ ڪعبہ کي تعمير ڪيو هوندو ۽ دعا جي لاءِ هٿ کنيا هوندا تہ: "اي اسان جا رب! هن کي اسان جي طرفان قبول فرماءِ، چو تہ تون ٻڌڻ ۽ ڄاڻڻ وارو آهين." تہ اهو منظر ڪيڏو نہ خوشنماء هوندو.

جڏهن حضرت ابراهيم عليه السلام پنهنجي پٽ اسماعيل عليه السلام کان ان کي ذبح ڪرڻ جي باري ۾ راءِ ورتي هوندي تہ ٻنهي جون دليون ڪيتري قدر الله جي محبت ۾ فنائيت جو منظر پيش ڪري رهيون هونديون؟

جڏهن حضرت يعقوب عليه السلام پنهنجي موت جي وقت پنهنجي پٽن کان پڇي رهيا هوندا تہ: " مون کان پوءِ توهان ڪنهن جي عبادت ڪندؤ؟" هن منظر ۾ هڪڙو والد پنهنجي پٽن سان ڳالهہ ٻولهہ ۾ مشغول ڪيئن لڳي رهيو هوندو؟ ۽ پٽن جي جواب تي ڪيڏو مطمئن نظر ايندو هوندو.

يا وري اهو وقت جڏهن بي بي مريم عليهم السلام پنهنجي پاڪ ڪردار تي الزام ترشيءُ کان پوءِ خالص الله تي توڪل ڪندي باقي لمحا ڪهڙي ڪيفيت ۾ گذاريا هوندا.

ان وقت حضرت ”بن يامين“ جي خوشيءَ جو ڪهڙو عالم هوندو ، جڏهن حضرت يوسف عليه السلام ، ڀاءُ سان ان ڪي پاڻ وٽ روڪيو ۽ پوءِ ڪيس ٻڌايائين تہ آءُ ئي تنهنجو گم ٿيل ڀاءُ يوسف آهيان؟

ڪيئن هوندا اهي لمحا جڏهن قيامت قائم ٿيندي، جنهن ڪي هڪ وڏو زلزلو چيو ويو آهي جنهن ڪي ”الواقعہ“ ۽ ”الحاقه“ جي نالي سان سڏيو ويو آهي، اهو واقعو جيڪو حقيقت ۾ واقع ٿيڻ وارو آهي ان عظيم ڏينهن جي سنگينيءَ ڪي لفظن ۾ بلڪل بہ بيان نٿو ڪري سگهجي، جڏهن جبل ڪپهہ جي دز وانگر اڏامندا نظر ايندا، آسمان جا دروازا کلي ويندا ۽ فرشتا قطار در قطار هيٺ لهي ايندا، سج بي نور ٿي ويندو ۽ تارا ڇڻي پوندا ۽ زمين هڪ صاف ميدان ٿي ويندي، سڀ ماڻهو ٽولين ۾ وراهجي ويندا ۽ هر ذي روح هن عظيم هستي (پنهنجي خالق ومالڪ) جي اڳيان حساب ڪتاب ۾ سرگردارن نظر ايندا، اهو ڏينهن جنهن ڏينهن اسان جا هٿ، پير ۽ زبان وغيره اسان جي خلاف گواهي ڏيندا، ان ڏينهن جي اصل اهميت ۽ ڪيفيت تائين تہ اسان جي تخيل جي پرواز پهچي نٿي سگهي.

هن قسم جا سوين مناظر آهن جن تائين اسان جو تخيل نٿو پهچي سگهي، جڏهن تہ الله تبارڪ وتعاليٰ قرآن ڪريم ۾ اهڙن گهڻن مقامات تي ماضيءَ جي بجاءِ مضارع جو صيغو استعمال ڪيو آهي تہ جيئن اسان ايئن سمجهون، جيئن سڀ ڪجهہ اسان جي اکين جي اڳيان ٿي رهيو هجي .

رات جو سمهڻ وقت سورة”يوسف“ ٻڌو ۽ هر منظر ڪي باقائده محسوس ڪريو ، جڏهن هن آيت تائين پهچندو ، حضرت يعقوب عليه السلام فرمايو: ”مون ڪي يوسف جي خوشبو پئي اچي.“، تہ اتي توهان جون اکيون ڇلڪي پونديون.



علي اڪبر راهمون

# مذهب، منطق، ۽ فن — الحادي اعتراضن جو تنقيدي تجزيو
# (منطق ۽ جماليات جي طالبن لاءِ علمي، فڪري مطالعو)

## اڄڪلهہ ملحد ۽ جديد لبرل نقاد دعويٰ ڪن ٿا تہ:

مذهب ۽ منطق جو پاڻ ۾ تضاد آهي.— ۽ مذهب، آرٽ ۽ جماليات جو مخالف آهي. ڇو تہ منطق سائنس جو اوزار آهي، ۽ فن آزاد اظهار آهي، جڏهن تہ مذهب سچ جي مفروضي تي ٻڌل آهي. ۽ انسان جي آزادي ۽ خود مختاري تي پابندي لڳائي ٿو.

## انهن جو خيال آهي تہ:

مذهب آرٽ جي تخليق نٿو ڪري سگهي، مذهبي فن ”خصي“ ۽ ادني فن آهي.

هي اعتراض بنيادي طور تي وحدتِ فڪر جي اسلامي نظريي ڪي سمجهي نہ سگهڻ جي ڪري پيدا ٿيا آهن. اسلام، جيتوڻيڪ ايمان ڪي بنيادي حيثيت ڏئي ٿو پر ان ايمان جي تقويت لاءِ عقل، منطق، دليل، مشاهدي، تفڪر، ۽ جمالياتي حسيات جي نہ صرف حوصلا افزائي ڪري ٿو بلڪہ انهن ڪي ايمان تائين رسڻ جا ذريعا پڻ ٻڌائي ٿو.

## الحادي اعتراضن جو پس منظر

مغربي تاريخ جي ڪتابن ۾ آهي تہ چرچ، فن ۽ منطق ڪي دٻايو، جنهن جو ردعمل ”آزادي پرست“ الحاد جي صورت ۾ سامهون آيو. آرٽ ڪي ذاتي اظهار، جبلت، ۽ محض نفس جي خوشي ۽ آزاديءَ سان جوڙيو ويو ۽ مذهب ڪي تخليقي آزاديءَ لاءِ خطرو سمجهيو ويو.

لبرل ۽ ڪامريڊ سنڌي نوجوانن ۾ بنا تحقيق ۽ تنقيد جي مغربي ادب ۽ نظرين کي قبول ڪيو ۽ ائين ئي سوچڻ لڳا، جو تہ ڪجه اسان جي ديني پيشوائن جون بہ ڪمزوريون آهن جو اسانجن رواجي ديني ادارن ۾ فڪري نرمي، علمي وسعت، ۽ جمالياتي ذوق جي کوٽ آهي.

سخت لهجو، جديد سوالن کان فرار، ۽ فني ذوق جي بيقدري نوجوانن کي اسلام کان بيزار ڪري ٿي.

## اسلام ۾ عقل ۽ منطق جي هم آهنگي:

اسلام ايمان کي عقل کان جدا نہ ٿو ڪري. قرآن بار بار تدبر، تعقل، ۽ برهان جي دعوت ڏئي ٿو:

"أفلا تعقلون؟" (الانعام: 32)

(ڇا اوهين عقل کي استعمال نٿا ڪريو؟)

"قل هاتوا برهان إن كنتم صادقين" (البقره: 111)

(چئو پنهنجا دليل آڻيو جيڪڏهن سچا آهيو.)

"إن في ذلك لآيات لقوم يتفكرون" (الرعد:3)

(انهن ۾ ماڻهن لاء نشانيون آهن, انهن لاء جيڪي سوچين ٿا.)

## قرآن مجيد فقط ايمان جي دعوت

نٿو ڏئي، پر ان جو انداز عقلي، منطقي ۽ استدلالي آهي. قرآن جي خطاب جو وڏو حصو عقل، دليل، قياس، نتيجي، مشاهداتي حقيقت تي ٻڌل آهي جنهن کي منطقي اظهار چئي سگهجي ٿو.

## مثال طور

الله کانسواءِ معبودن جي بي معني هجڻ تي دليل آهي تہ:

لَو كَانَ فِيهِمَآ ءَالِهَةٌ إِلَّا ٱللَّهُ لَفَسَدَتَا سورة الانبياء (21:22)

ترجمو: جيڪڏهن آسمانن ۽ زمين ۾ الله کان سواءِ ٻيا معبود بہ هجن ها، تہ ٻئي بگڙي وڃن ها.



علم الڪلام جي تاريخ—اشعري، ماتريدي، غزالي، رازي، ابن رشد جو استدلال —ان جو ثبوت آهي تہ اسلام ۾ منطق ايمان جي خيال کي تقويت ڏئي ٿو عقيدا ۽ عقل هم آهنگ آهن. عقل ايمان جو مددگار آهي. بلڪ عقل سان ئي ايمان، وحي، خدا ۽ رسول تائين رسائي حاصل ٿئي ٿي.

ملحدن جي دعوي کي جيڪڏهن خود منطقي قانون جي ڪسوٽي تي جانچيون تہ ملحدن جي دعوي جو رد واضح آهي،

جيئين چئجي تہ اسلام عقل جي حرمت جو قائل آهي ۽ ان کي استعمال ڪرڻ جي ترغيب ڏي ٿو.

## ٻيو مقدمو

عقل پنهنجن فيصلن ۾ منطق کي اوزار بڻائي ٿو.

نتيجو نڪتو تہ اسلام بالواسطہ منطق جي استعمال کي بہ ترغيب ڏئي ٿو.

آسان لفظن ۾ چئجي تہ اسلام، جيڪو عقل جي حرمت جو قائل آهي، اُهو عقل جي ذريعي منطق کي عمل جو معيار بڻائي ٿو. تنهن ڪري منطق جو استعمال اسلامي فڪر جي روشنيءَ ۾ نہ فقط جائز پر مطلوب آهي.

## اسلام ۽ فن - اسلامي جماليات:

اسلامي جماليات جو مقصد آهي روح کي حق، خير ۽ حسن ڏانهن راغب ڪرڻ. خارجي حسن سان گڏ باطني حسن جو احساس ڪرڻ. قرآن پاڻ فني حسن جو معجزو آهي:

("الله نور السماوات والأرض" (النور: 35

(الله آسمانن ۽ زمين جو نور آهي)

"وإنه لقول فصل وما هو بالهزل" (الطارق: 13-14)

(هي فيصلو ڪندڙ قول آهي، مذاق ناهي)

اسلامي فنون جهڙوڪ، تلاوت، نعت، قوالي، خطاطي، مسجدن جي معماري سڀ فن ۽ ايمان، اسلام جا شاهڪار آهن. فلسفي جي روايت ۾ امام غزالي، ابن رشد جهڙن فلاسفرن عقلي دلائل، فلسفياتي بنيادن ۽ فني حسن ذريعي دين جي حقانيت کي ظاهر ڪيو.

اسلامي تصوف موجب انسان سونهن جي ڳولا ڪري ٿو سونهن سندس دل ۾ موجود آهي، نفس جي تزڪيي ۽ دل جي صفائي ڪرڻ سان جتي حسن مطلق(خدا) پنهنجو جلوو پسائي ٿو.

حسن مطلق تصوف جو جمالياتي اصل آهي، امير خسرو چيو:

جمال مطلق آمد جلوه آهنگ،
مقيد گشت رنگ بصد رنگ.

يعني، جڏهن حسن مطلق يا ابدي سونهن پنهنجو جلوو پسائڻ گهريو، تہ ان پنهنجي حسن جي رنگ کي سوين رنگن ۾ پکيڙي ڇڏيو.

وجداني جماليات ۾ شاهہ عبد اللطيف ڀٽائي وٽ ان جو تصور هن طرح آهي.

سهسين سِجَنِ اُپري، چوراسِي چَندَنِ.
بالله ري پِريَنِ، سَڀَ اُونداهِي پانئِيان.

هي بيت اسلامي فن جذبي، روح، ۽ حقيقت جو جمالياتي اظهار آهي.

اسلام انسان جي عمل ۽ ارادي کي آزاد تسليم ڪري ٿو قرآن ۾ فرمان آهي،

"فَمَنْ شَاءَ فَلْيُؤْمِنْ وَمَنْ شَاءَ فَلْيَكْفُرْ" ترجمو- جنهن کي وڻي سو ايمان آڻي، ۽ جنهن کي وڻي سو انڪار ڪري.

هي آيت انسان جي آزاديءَ جو صاف ثبوت آهي، ٻئي هنڌ فرمايو

مَنْ عَمِلَ صَالِحًا فَلِنَفْسِهِ وَمَنْ أَسَاءَ فَعَلَيْهَا. ترجمو- جيڪو چڱو عمل ڪري ٿو سو پاڻ لاءِ ۽ جيڪو بڇڙو عمل ڪري ٿو سو پاڻ تي آهي.



هي دليل انسان جي خودمختياريءَ تي مبني آهي. هو جيڪو بہ عمل ڪري ٿو ان جو نفعو يا نقصان خود ڀوڳي ٿو.

ملحدن جي دعوي تہ مذهب اسلام، فن ۽ تخليق جو مخالف آهي، ڇو تہ فن آزادي جو اظهار آهي، اسلام ۾ آزادي جو انڪار اهي، هن کي منطقي اصول جي ڪسوٽي تي ٿا جانچيون،

* (ڪبرى) فن ۽ جماليات انسان جي آزاديءَ جي اظهارن مان آهن.
* (صغري) اسلام انسان کي ارادي ۽ عمل جي ڪامل آزادي ڏئي ٿو.(جيڪا قرآن مان ثابت آهي)

نتيجو نڪتو تہ، انڪري اسلام فن ۽ جماليات جي اظهار جي بہ اصولي طور تي اجازت ڏئي ٿو جڏهن اهي اخلاقي ۽ الهي هدايتن جي دائري ۾ هجن.

آسان لفظن ۾ چئجي، تہ اسلام انسان جي ارادي ۽ عمل کي آزاد تسليم ڪري ٿو ۽ فن انساني اظهار جو فطري ذريعو آهي، تنهن ڪري اسلام فن ۽ جماليات کي رد نہ ٿو ڪري، بلڪ انسان کي اخلاقي ۽ روحاني قدرن جي دائري ۾ آزاديءَ سان اظهار ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿو.

## ملحدن جو مغالطو ۽ وضاحت:

## الحادي اعتراض جو بنيادي مغالطو:

"جيڪڏهن عقيدو دليل سان ثابت ٿئي، تہ ايمان ڇو؟"

## اسلام جو جواب:

ايمان عقل مان پيدا ٿئي ٿو پر ان جي منزل عقل کان اڳتي آهي.

"سنريهم آياتنا في الآفاق وفي أنفسهم حتى يتبين لهم أنه الحق" (حم السجدة: 53)

سگهو اسان انهن کي پنهنجيون نشانيون ڏيکاري ڇڏينداسين، افقن ۾ ۽ سندن اندر بہ، تانجو انهن لاءِ ظاهر ٿئي تہ اهو حق آهي.

يعني عقل، مشاهدو ۽ فڪر ايمان کي منزل تائين وٺي وڃن ٿا.

## حاصل ڪلام:

اسلام ۾ ايمان، عقل، ۽ حسن—تڪميل جا مثلث آهن. نہ عقيدو منطق کان بالاتر آهي، نہ فن کان خالي. اسلام هڪ مڪمل فڪري، فني، ۽ ايماني نظام آهي، جيڪو منطق کي هدايت، فن کي روحانيت، ۽ عقيدي کي دليل سان جوڙي ٿو.

## آخر ۾

ڇا اوهان متفق آهيو تہ اسلام فقط عقيدي جو نالو نہ، پر عقل، منطق ۽ حسن جي هم آهنگيءَ جو نالو بہ آهي؟

جيڪڏهن ها، تہ اچو.

هن تجزئي کي شيئر ڪريون، ۽ سچ جي روشنيءَ کي دلين تائين پهچايون.

"سچ جي سڏ کي عام ڪرڻ، سچ جو علم بلند ڪرڻ ۽ «دعوت حق» آهي!"



تحرير: ضمير حسين لغاري

# سيرت عمر فاروق (رضي الله تعاليٰ عنہ) منجهان چند واقعا

صحرا سختي ۽ اُڃ جي علامت هوندو آهي. جبل ۽ اونچا ڏُونگر عظمت ۽ مرتبي کي ظاهر ڪن ٿا. ريگستان، رِڻ پٽ ۽ جبلن جي هَنج ۾ پلجندڙ ماڻهن جي فطرت ۾ بہ اِها ئي سختي توڙي بُلندي شامل ٿيو وڃي ٿي.

خليفہ ثاني، فاتح عرب و عجم، شهيد المحراب، اميرالمومنين سيدنا عمر ابن الخطاب 'الفاروق' (رضي الله تعاليٰ عنہ) بہ اهڙا ئي هُيا... سخت مزاج، جفاڪش ۽ جاڪوڙي.

تنهن وقت جي چَند پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن ۾ ڳڻيا ويندا هئا. ڳالهائڻ جي گُر ۽ ڏانءُ ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ هُيا. جو ٻُڌڻ واري جي دل ۾ سندن لفظ گهر ڪري ويندا هئا.

هُنن تلوار هلائڻ، گهوڙي سواري ۽ سِپه گري ۾ مهارت حاصل ڪئي. مَجيل پهلوانن کي دَسي ۽ هارائي نالو نِروار ڪيو. ڇاڪاڻ تہ ڪين پيءُ جي سختي ۽ نگراني پنهنجي تَر جو سڀ کان بهادر انسان بڻائي ڇڏيو هو.

اهڙي شخص اسلام جي دعوت جي سخت مخالفت ڪري مُهاڏو اٽڪائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر خدا جي قدرت ڏسو جو اُنهي نفرت ۽ مخالفت سندن ناتو حق جي روشني پکيڙيندڙ پيارِي ذات نبي ﷺ سان ڳنڍي ڇڏيو.

ناحق کان حق ڏانهن سفر واري ڇڪتاڻ ۾ سندن دل نيٺ اها شاهدي ڏني تہ اِهو شخص جنهن جي آئون نِندا ڪيان پيو سو سَچو ۽ برحق آهي، ڪوڙو ڪڏهن بہ نٿو ٿي سگهي. تنهن ڪري آخرڪار اِها دعوت قبولي لبيڪ چيائون.

مڪي جي سڀ کان دلير شخص جڏهن سچائي جي واٽ تي اچڻ جو اعلان ڪيو تہ جرئت ۽ سورهيائي جي داستانن جنم ورتو. سندن دليري جي دٻدٻي هيٺن ڪي سرِعام توحيد جو اقرار ڪرڻ جي همت ڏني.

ڪمزورن کي طاقت ملي تہ سچ جي ڏِيئي جي لاٽ تيزي سان روشني پکيڙڻ لڳي. مخالفن جي هَٺ ۽ وڏائي جا وڏا بُت ڀَڄي پورا ٿي پيا، نتيجي طور حق کي چٽني پاسي غلبو نصيب ٿيو. تڏهن ئي کين 'فاروق' جو لقب ڏنو ويو. يعني جنهن جي حمايت ۽ شموليت سان اهل حق تي وڏو 'فرق' پئجي ويجي.

تقويٰ ۽ پرهيزگاري جي هِن پيڪر ۾ حڪمت ۽ دانائي جهڙيون اَنيڪ صفتون موجود هيون. جڏهن مَٽن امارت جو بار پيو تہ اِن ذميواري کي سهٽي نموني نڀايائون. سندن دور ۾ اسلامي سلطنت پري پري تائين پکڙي، جنهن جو جديد طرز تي انتظام هلايائون.

رعايا تي ڏاڍا شفيق ۽ مهربان هئا، غريبن ۽ مسڪينن جي سهائتا لاءِ بيت المال قائم ڪيائون. عام ڀلائي جا اَڻ ڳڻيا ڪم ڪيائون. پوري دنيا کي عدل ۽ انصاف جو اعليٰ نمونو اکئين ڏيکاريائون. ۽ امانتداري توڙي خدمت جا اهڙا مثال جوڙيائون جن جي دنيا اڄ بہ پيروي ڪري ٿي.

سندن شخصيت، ڪردار، طرز حڪمراني، غير متزلزل ايمان، سادگي، حڪمت ۽ اسلام سان محبت جا واقعا ايمان وارن لاءِ قيامت تائين مشعل راہ بڻيل رهندا. اچو تہ انهن مان ڪجھ واقعا پڙهون.

## تاريخي فتح ۽ خليفي جي عاجزي

حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي خلافت جو عرصو 10سال 6 مهينا ۽ ڪجھ ڏينهن رهيو (سن 13 کان 23 هجري، يعني 634ع کان 644ع تائين). انهن ئي ڏهن سالن اندر پاڻ اسلام جي فتحيابي بابت نبي ﷺ جي پيشن گوئي پوري ڪئي.



سندن ڀلاري دور ۾ اسلام جا سرويچ مجاهد جيڏاهن مُنهن ڪندا هئا سوڀ سندن پير چمندي هئي. عراق کان آزربائيجان ۽ آرمينيا (روس جي ويجهو) تائين بي شمار علائقا مسلمانن جي قبضي هيٺ اچي ويا.

انهن علائقن ۾ بيت المقدس بہ شامل هيو جيڪو تن ڏينهن ۾ شام جو حصو هو. جڏهن مسلمانن جي فوج بيت المقدس جو گهيرو ڪيو تہ اتان جي عيسائي شهرين شهر جا دروازا بند ڪري ڇڏيا.

ڪجھ ڏينهن محاصري ۾ رهڻ کان پوءِ هنن لشڪر جي سپہ سالار ابو عبيده بن جراح (رضي الله تعاليٰ عنہ) کي نياپو ڪيو تہ اسين شهر اوهان جي حوالي ڪرڻ لاءِ تيار آهيون پر شرط اهو آهي تہ مسلمانن جو خليفو پاڻ اچي اسان سان صلح جو معاهدو ڪري ۽ اسان کي امان ڏيڻ جي پڪ ڏئي.

ابو عُبيده بن جراح (رضي الله تعاليٰ عنہ) اهو پيغام حضرت عمر (رضي الله تعاليٰ عنہ) تائين پهچايو ۽ حضرت عمر (رضي الله تعاليٰ عنہ) پنهنجن ويجهن ساٿين سان صلاح ڪري بيت المقدس ڏانهن روانا ٿيا.

اُهو عمر (رضي الله تعاليٰ عنہ) جن جي نالي سان دنيا جا وڏا وڏا حاڪم ۽ بادشاهہ ڏَڪڻ لڳندا هئا، تنهن جي بيت المقدس ڏانهن سفر جو حال اِهو هو جو فقط هڪڙي غلام ڪانسواءِ ساڻن ڪو بہ ماڻهو گڏ نہ هو. نہ فوجي، نہ تنبو نہ ڪي نقارا ۽ دُهل، نہ جهنڊا، نہ ذاتي محافظ.

پاڻ شهر ۾ داخل ٿيڻ ۽ دشمن فوج جي اڳواڻن سان ملڻ کان اڳ مسلمان فوج ۾ شامل اصحابن سان مليا. ان وقت سندن حُليو مبارڪ اِهو هو تہ ڦاٽل جُوتا، مِٽي سان ڀريل وار ۽ چمڙي جون ڇَتيون لڳل لباس.

تنهن ڪري مسلمانن کي سندن سادو لباس ڏسي شرمساري ٿي رهي هئي، ۽ هُو سوچي رهيا هئا تہ عيسائي اسان جي خليفي کي ڏسي ڇا چوندا.

مسلمانن جي فوجي اڳواڻن کين مشورو ڏنو تہ اوهين پنهنجا ڪپڙا مٽايو، اوهان کي هڪ سٺو قيمتي لباس ڏيون ٿا. تنهن تي پاڻ فرمايائون "الله

تعاليٰ اسان کي جيڪا عزت ڏني آهي سا اسلام جي ڪري ڏني آهي ڪپڙن جي ڪري نہ. اسان لاءِ اهو ئي ڪافي آهي.“

اتي جو پادري ’سوفرونيئس‘ سندن سادگي ڏسي حيران ٿي ويو. ڪيس يقين نہ پئي آيو تہ جنهن شخص روم ۽ فارس جي سلطنت اونڌي ڪري ڇڏي آهي اُهو درويش اهڙو بہ ٿي سگهي ٿو.

پاڻ اُنهي حالت ۾ بيت المقدس اندر داخل ٿيا. عيسائي پادري پاڻ شهر جون ڪنجيون سندن حوالي ڪيون ۽ شهر جو دورو ڪرايو. جڏهن چرچ ۾ پهتا تڏهن نماز جو وقت ٿيو.

پادري عرض ڪيو تہ اوهان هتي چرچ ۾ ئي نماز ادا ڪريو. هي بہ مقدس جاءِ آهي. پر سيدنا عمر (رضي الله تعاليٰ عنہ) نهايت بصيرت سان جواب ڏنو: ”جيڪڏهن مون هتي نماز پڙهي تہ ايندڙ وقت ۾ مسلمان چوندا تہ خليفي هتي نماز ادا ڪئي هئي، پوءِ اهي بہ هتي مسجد ٺاهي ڇڏيندا.“

انهيءَ خيال سان پاڻ ٻاهر اچي هڪ جاءِ تي نماز ادا ڪئي، پوءِ ڪنهن دور ۾ انهيءَ هنڌ هڪ ننڍڙي مسجد ٺاهي وئي، جنهن کي اڄ مسجدِ عمر چيو وڃي ٿو.

اهو عمل سندن مذهبي رواداري، سياسي بصيرت ۽ غيرمسلمن جي عبادتگاهن لاءِ عزت جي بهترين علامت آهي. ان واقعي کي مسلمان مورخن طبري، بلاذري ۽ ابن ڪثير کانسواءِ ڪيترن ئي عيسائي مورخن پڻ محفوظ ڪيو آهي.

## تڪڙو نظام، ترت انصاف

خلافتِ فاروقي جي زماني ۾ هڪ عيسائي واپار سانگي پنهنجا گهوڙا ساڻ ڪري عراق جي فرات واري علائقي مان اسلامي سرحد ۾ داخل ٿيو، جتي مسلمان سرحدي عملدارن کانئس ٽيڪس وصول ڪيو. جڏهن هو واپس وڃي رهيو هو تڏهن بہ عملدارن وڪرو نہ ٿيل گهوڙن جو کانئس ٽيڪس ورتو.



واپاريءَ کي ان تي سخت ڪاوڙ لڳي. هو گهوڙا پنهنجن نوڪرن وٽ ڇڏي پاڻ شڪايت کڻي خليفي وٽ اچي مديني پهتو. خليفي سندس شڪايت ٻڌي فقط ايترو چيو ’ڪفيت‘ يعني تنهنجي شڪايت جو ازالو ٿي ويو.

واپاري سمجهيو تہ خليفي منهنجي شڪايت تي ڌيان نہ ڏنو آهي، سو مايوسي وچان واپس انهي سرحدي چونڪي تي اچي پهتو ۽ سپاهين کي ٽيڪس ادا ڪرڻ لڳو جنهن تي هنن چيو توکان هاڻ اهو ٽيڪس نہ ورتو ويندو، اسان کي خليفي جو فرمان ملي ويو آهي.

عيسائي واپاري خليفي جي اها تڪڙي ڪاروائي ڏسي ڏاڍو متاثر ٿيو تہ آخر ڪيئن منهنجو انصاف مونکان بہ اڳ پهچي ويو. اهڙو انصاف تہ مون ڪڏهن بہ نہ ڏٺو آهي.

واپاري چيو ”اڄ آئون عيسائيت ڇڏي ان شخص جو دين ٿو اختيار ڪيان جنهن اوهان کي منهنجي لاءِ اهڙو حڪم ڏنو آهي.“ (ڪتاب الخراج، بحوالہ ’اسباق تاريخ‘ مولانا وحيد الدين، صفحو 143)

## هرمزان ۽ پاڻيءَ جو پيالو

ايراني سلطنت جي زوال ۽ اسلامي فتوحات جي دور ۾ جڏهن حضرت عمر فاروق (رضي الله تعاليٰ عنہ) جي خلافت جو نظام پنهنجي اوج تي هو، تڏهن فارس جو ناميارو سپہ سالار هرمزان گرفتار ٿي مسلمانن کي هٿ اچي ويو. هن کي مديني آڻي خليفي جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو.

حضرت عمر (رضي الله تعاليٰ عنہ) هرمزان کي ڏسي چيو تہ هرمزان! تو پنهنجي قوم تي ظلم ڪيو، جنگين ۾ بيشمار خونريزيون ڪيون، پر تنهنجي پوشاڪ ۽ انداز ۾ اڃا بہ شاهي تفاخر موجود آهي. هاڻ ٻڌاءِ تہ تو وٽ پنهنجي بچاءَ لاءِ ڪهڙو عذر آهي؟

هرمزان پنهنجو موت يقيني سمجهي هڪ آخري چال هلڻ جي ڪوشش ڪئي. هن چيو اي خليفا! پهرين مونکي ٿورو پاڻي پيئڻ ڏي، پوءِ جواب ڏيندس.

پاڻي آندو ويو. جڏهن هن پيالو هٿ ۾ ڪنيو ته چيائين مونکي واعدو ڏي ته جيستائين آئون هي پاڻي پي نه وٺندس تيستائين مونکي قتل نه ڪرائيندين.

حضرت عمر (رضي الله تعاليٰ عنہ) پنهنجي فطري سادگي ۽ سچائي سان کيس واعدو ڏنو. تنهن تي هرمزان پيالو رکي ڇڏيو ۽ چيائين ”هاڻي نه آئون هي پاڻي پيئندس نه تون مونکي مارائي سگهندين!“ (ڪجهہ روايتن موجب هن پيالو اونڌو ڪري هاري ڇڏيو.)

حضرت عمر (رضي الله تعاليٰ عنہ) کي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي، فرمايائون هرمزان! تو دوکو ڏنو آهي. اتي ويٺل صحابہ به ان ڳاله تي زور ڏنو ته اميرالمؤمنين! اوهين زبان ڏئي چڪا آهيو تنهن ڪري هاڻي کيس قتل ڪرڻ روا ناهي. تڏهن حضرت عمر (رضي الله تعاليٰ عنہ) فرمايو هرمزان تون هڪ مسلمان جو واعدو ٽيجي نٿو سگهين، وڃ تنهنجي جان محفوظ آهي.

عدل ۽ واعدي وفائي جو اهڙو ڏيک ڏسي هرمزان جو دل به بدلجي ويو، نيٺ اتي ئي اسلام قبول ڪيائين. حضرت عمر رضي الله عنہ کيس عزت سان آزاد ڪيو ۽ مديني ۾ رهائش عطا ڪئي.

## حديث لاءِ حد درجي احتياط

حضرت عمر بن الخطاب (رضي الله تعاليٰ عنہ) حديث رسول ﷺ جي روايت جي معاملي ۾ گهڻي سختي ڪندا هئا. ڇاڪاڻ ته اهو اسلام جو شروعاتي دور هيو جنهن ۾ حديث جي روايت ۽ علمي سند جي حفاظت تي خاص ڌيان ڏيڻ ضروري هو.



هڪ ڏينهن حضرت ابو موسيٰ الاشعري (رضي الله تعاليٰ عنہ)، جيڪي ڪنهن علائقي جا والي هئا، مديني ۾ حضرت عمر فاروق (رضي الله تعاليٰ عنہ) وٽ حاضر ٿيا.

دروازي تي ٽي ڀيرا اچي اجازت گهريائون، پر شايد خليفہ ثاني ان وقت ڪنهن ڪم ۾ مصروف هئا، تنهن ڪري اندران جواب نه آيو ۽ موسيٰ اشعري ٽي ڀيرا در ڪڙڪائي واپس موٽي ويا.

ڪجهہ دير ڪانپوءِ حضرت عمر (رضي الله تعاليٰ عنہ) ٻاهر نڪتا ۽ پڇيائون ته ڇا ابو موسيٰ آيو هو؟ ٻڌايو ويو ته ها، آيو هو پر اجازت نه ملڻ سبب واپس هليو ويو.

حضرت عمر رضي الله عنہ کيس سڏايو ۽ ٿوري تعجب سان پڇيو: اي ابو موسيٰ! تون ٽي ڀيرا در ڪڙڪائي واپس ڇو هليو وئين؟“

ابو موسيٰ الاشعري (رضي الله تعاليٰ عنہ) عرض ڪيو: ”اي اميرالمؤمنين! مون رسول الله ﷺ کي فرمائيندي ٻڌو ته جيڪڏهن ڪنهن جي گهر ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ڪو ٽي ڀيرا اجازت گهري ۽ کيس اجازت نه ملي ته هو واپس هليو وڃي.“

حضرت عمر (رضي الله تعاليٰ عنہ) سنجيده ٿي ويا، فرمايائون: ”اي ابو موسيٰ! ان حديث بابت شاهديون پيش ڪر، نه ته آئون توکي سزا ڏيندس.“

ابو موسيٰ اشعري (رضي الله تعاليٰ عنہ) پريشاني وچان انصارِ مدينہ وٽ پهتا ۽ پڇا ڪرڻ لڳا ته ڇا ان حديث جو اوهان مان ڪو شاهد آهي؟ انصار مان حضرت اُبي بن ڪعب (رضي الله تعاليٰ عنہ) اٿي بيٺا ۽ چيائون ها، مون به اها حديث نبي ﷺ جي واتان ٻڌي آهي.“

پوءِ جڏهن ٻنهي ڄڻن اچي اها تصديق ڪئي ته حضرت عمر (رضي الله تعاليٰ عنہ) فرمايو مون حديث جي صحت جي معاملي ۾ احتياط خاطر اها تصديق ڪرڻ پئي چاهي. مون کي ته بازار جي مصروفيت اها حديث ٻڌڻ کان غافل رکيو.“ (بخاري 6245، مسلم 5629)

هيءَ روايت حضرت عمر فاروق (رضي الله تعاليٰ عنہ) جي خدا خوفي ۽ حديثِ نبوي ﷺ جي حفاظت لاءِ اصول سازي جو هڪ روشن مثال آهي. علم حديث جي بنيادي فن ۾ بہ جيڪو 'اسناد' ۽ 'تحقيق حديث' (جرح و تعديل) جو معيار قائم ٿيو ان جو بنياد بہ اهڙن ئي واقعن تي آهي.

حديث جي صحت، تحفظ ۽ نقل جي معاملي ۾ حضرت عمر فاروق (رضي الله تعاليٰ عنہ) جي طرزِ عمل ۽ سوچ ئي 'تنقيد' توڙي 'تصديق' جو بنياد وڌو، جنهن کي اڳتي هلي محدثين 'علمِ جرح و تعديل' جي صورت ۾ باقاعدي هڪ ضابطو بڻائي ڇڏيو.

## جنگي حڪمت ۽ فتوحات

حضرت عمر فاروق (رضي الله تعاليٰ عنہ) جي حصي ۾ ئي اها بي مثال خوش نصيبي آئي جو سندن مبارڪ دور ۾ ئي رومي قيصر ۽ فارسي ڪسرا جون حڪومتون پيجي پورا ٿيون ۽ اسلام جي سربلندي بابت نبي ﷺ جي بشارت مڪمل طور پوري ٿي.

خلافتِ راشده جي فتوحات جو بنياد اصل ۾ حضرت ابوبڪر صديق (رضي الله تعاليٰ عنہ) جي دور (11 - 13هجري/632ع - 634ع) ۾ رکيو ويو.

دراصل حضرت ابوبڪر صديق (رضي الله تعاليٰ عنہ) جي جنگي حڪمت عملي اهو بنياد قائم ڪيو جنهن تي حضرت عمر فاروق (رضي الله تعاليٰ عنہ) جي دور ۾ اسلامي سلطنت روم ۽ ايران جي عالمي طاقتن کي زمين بوس ڪري ڇڏيو.

حضرت ابوبڪر صديق (رضي الله تعاليٰ عنہ) فقط ٻن سالن جي عرصي ۾ فارس سان اٺ کان ڏهه وڏيون جنگيون ڪري فارس جي قديم ۽ سگهاري سلطنت جا بنياد لوڏي ڇڏيا، ۽ ان وقت جي ٻي 'سپرپاور' روم سان بہ اهو پهريون وڏو مقابلو ڪيو جنهن کي تاريخ ۾ 'اجنادين' واري جنگ جي نالي سان هميشہ ياد رکيو ويندو.



ان جنگ ۾ رومي بادشاهه هرقل جي نوي هزار فوج خلاف مسلمانن جو انگ ويهه هزار هيو. لشڪر جي اڳواڻي لاءِ 'الله جي تلوار' جو لقب ماڻيندڙ عظيم اسلامي سپہ سالار، خالد بن وليد (رضي الله تعاليٰ عنہ) کي فارس جي محاذ (عراق) مان سڌائي شام موڪليو ويو. مسلمان لشڪر نصرتِ خداوندي سان سوڀارا ٿيا ۽ مٿن شام جي فتح جا دروازا کلي ويا.

حضرت ابوبڪر صديق (رضي الله تعاليٰ عنہ) جي دور ۾ فارس جي محاذ تي خالد بن وليد (رضي الله تعاليٰ عنہ) اسلامي لشڪر جا سالار رهيا.

جڏهن حضرت عمر (رضي الله تعاليٰ عنہ) خليفا بڻيا تڏهن فارس جي محاذ تي حضرت سعد بن ابي وقاص، نعمان بن مقرن، هاشم بن عتبہ اهم جرنيلن طور اسلامي لشڪر جي اڳواڻي ڪئي، جڏهن تہ خالد بن وليد (رضي الله تعاليٰ عنہ) کي رومين خلاف شام جي سرحد تي موڪليو ويو.

عهدِ فاروقي ۾ ئي اسلامي فوجن اڳتي وڌي شام ۽ مصر جا علائقا فتح ڪيا ۽ رومي فوجن کي شڪست ڏئي ڇڏي. سنہ 15 هجري ۾ شام ۽ مصر ۾ رومي سلطنت جي طاقت ختم ڪندڙ فيصلائتي جنگ 'يرموڪ' ٿي. جڏهن تہ فارسين کي پڻ قادسيہ (15 هجري)، جلولا (16 هجري) ۽ نهاوند (21 هجري) جهڙن معرڪن ۾ مڪمل طور مات ڏني وئي.

فقط اٺن سالن جي عرصي ۾ حضرت عمر فاروق (رضي الله تعاليٰ عنہ) جي غيرمعمولي حڪمت، عدل ۽ انتظامي بصيرت سان اسلامي سلطنت هڪ عظيم عالمي قوت بڻجي وئي، ۽ قيصر و ڪسرا جا نالا تاريخ مان هميشہ لاءِ مٽجي ويا.

عبدالغني دايو

# نفس جي سڌاري جو طريقو

## ۽ زندگيءَ جو دستور العمل

### حضرت مجدد الف ثاني جي هڪ قول جي چٽائي:

هڪ طالب حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جي خطن جي حوالي سان لکيو تہ بزرگ فرمائي ٿو تہ باطني مرض جو سردار ما سوائي حق (الله کان کانسواءِ) جي گرفتاري آهي ۽ دل جي گرفتار نہ ٿيڻ جي علامت اها آهي تہ ما سوائي حق (الله کانسواءِ هر شيءِ) صفا وساري ڇڏجي ۽ هڙني شين کان اڻ ڄاڻ ٿي وڃجي، ايستائين جو تڪلف سان بہ شيون ياد ڪجن تڏهن بہ اهي ياد نہ اچن، ايستائين جو ما سوائي حق جو خطرو قلب تي ناممڪن ٿي وڃي. مان جڏهن معيار ڏسان ٿو تہ پاڻ کي انهيءَ معيار کان ڏور سمجهان ٿو. اهو الحمدالله قلب ۾ ما سواجو گذر تہ ڪو نہ آهي پر قلب ۾ غير جو خطرو پڻ آهي ياد بہ آهي.

انهيءَ جي جواب لکيائون تہ: گهڻي قدر صاحبان مقام ماڻهن تي قلب ۽ ڪڏهن ۽ دل تي غلبو ٿيندو آهي تہ انهيءَ وقت مسئلن جي تعبير ۾ پڻ جوش جو اثر ٿيندو آهي، منهنجي آڏو عنوان تيز آهي پر معنيٰ اها ئي آهي جا نص مان ورتل آهي. مان انهيءَ کي سولي عنوان سان تعبير ڪيان ٿو ۽ اهو تفسير حضرت مجدد الف ثاني جي ڪلام جي ويجهو آهي ۽ انهيءَ جي تعبير کان گهڻو چٽو آهي، اهو هي آهي تہ گرفتاريءَ جو مطلب مطلق تعلق نہ آهي ڇا گهڻو تہ ما سويٰ سان اهو ناتو جيڪو مغلوب هجي سو خراب آهي پر اهڙو ناتو خراب آهي جنهن جي اثر هيٺ قلب



انهيءَ جي تصور ۽ حسرت ۾ رڌل هجي ۽ اهڙيءَ ريت اطاعت ۾ گهٽتائي ۽ هيٺائي اچي وڃي، جيڪڏهن ما سويٰ سان اهڙو ناتو نہ آهي تہ رڳو (نج جو اثر رنڊڪ نہ آهي، ڇا حضرت سيدنا يعقوب عليہ السلام جي سخت رنج / ڏک کان ڪو انڪار ڪري سگهي ٿو. ڇا سندس رنج کي مانع عن الحق چئي سگهجي ٿو.

### مرتبي جي طلب ۽ انهيءَ جو علاج

هڪ طالب لکيو تہ منهنجي اندر ۾ مان مرتبي جي چاهت رهي ٿي، دل گهري ٿي تہ ماڻهو منهنجي واکاڻ ڪن، جنهن سان مون کي خوشي ۽ راحت محسوس ٿئي ٿي، پر جڏهن ڪو ماڻهو تنقيد ڪري ٿو يا منهنجي ساراهہ نٿو ڪري تہ اهو عمل منهنجي نفس کي نہ ٿو وڻي.

انهيءَ طالب کي جواب ۾ لکيائون تہ هر علاج ۾ مجاهده جي گهرج معنيٰ نفس جي گهرجن ۽ سندس گناهہ جي ڏيان ۽ انهيءَ داعيہ جي عملي مخالفت ضروري آهي. انهيءَ مرض جي دوا پڻ انهن ٻنهي جزن مان ٺهيل آهي، پهريون مرتبي جي طلب بابت جيڪي مذمتون ۽ تنبيهون آيل آهن، سي ڌيان ۾ رکجن پر زباني طور پڻ ورجاء ڪندو رهجي، رڳو ايترو ئي نہ پر زباني طور نفس سان ڳالهائيندي کيس چئجي تہ ههڙن سزائن جو خطرو پڻ اٿئي، انهيءَ سان گڏوگڏ پنهنجا عيب سدائين ياد هجن ۽ نفس کي ياد ڏيارجي تہ جيترا عيب تو ۾ آهن جيڪڏهن ماڻهن کي تنهنجي انهن عيبن جي خبر پوي تہ تنهنجي ڪيتري گهٽتائي ٿيندي، اها ئي غنيمت آهي جو ماڻهو تو کان نفرت نٿا ڪن. انهيءَ جو ٻيو جزو معنيٰ عملي بزو اهو آهي تہ واکاڻ ڪرڻ واري ماڻهو کي ايئن ڪرڻ کان جهليو وڃي، ۽ سنجيدگيءَ سان سٺي نموني جهلجي، رڳو هلڪي انداز ۾ جهلڻ ڪافي نہ آهي. انهيءَ سان گڏجن ماڻهن کي ذليل ۽ حقير سمجهيو ٿو وڃي تن ماڻهن جي عزت ۽ تڪريم ڪرڻ گهرجي توڙي جو نفس کي اها ڳالهہ نہ وڻي.

هڪ طالب جي درخواست تي حسد جو علاج هي ٻڌايائين تہ:

جنهن سان ساڳ هجي تہ ماڻهن اڳيان انهيءَ جي واکاڻ ڪجي اهو آڏو اچي تہ سندس عزت ڪجي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪيس ڪو تحفو پڻ ڏجي.

## زهد جي ماهيت ۽ زهد حاصل ڪرڻ جو طريقو:

هڪ طالب پڇيو تہ زهد ڇا آهي ۽ ڪيئن ماڻي سگهجي ٿو: جواب ڏنائون تہ: زهد جي ماهيت دنيا ڏانهن گهٽ ڌيان ڏيڻ آهي. زهد ايئن حاصل ڪري سگهجي ٿو تہ دنيا جي فاني هجڻ جو مراقبو ڪجي ۽ غيرضروري معاملن ۾ رجهي نہ وڃجي ۽ زاهدن جي صحبت ۾ ويهجي ۽ انهن جي حالتن جو مطالعو ڪجي.

هڪ طالب لکيو تہ هڪ رات ذڪر ۽ تسبيح ۾ ڇا ٿو ڏسان تہ سڄي مسجد روشن ٿي وئي آهي، اکيون کولي ڏٺم تڏهن بہ مسجد روشن معلوم ٿي، جواب ۾ لکيائون تہ: اهڙا احوال انهيءَ ڪري بہ آڏو ايندا آهن تہ سالڪ کي راحت ملي ۽ سلوڪ ۾ مشغولي سولي رهي.

## ڊپ ۽ اميد وارين حالتن جو بدلجڻ/ مٽ سٽ

هڪ طالب لکيو تہ پهرين الله پاڪ جو ڊپ ٿورو ٿيندو هيو پر منجهس اميد گهڻي هوندي هئي پر هاڻي انهيءَ جو عڪس آهي. جواب ۾ لکيائون تہ انهيءَ جو ڪارڻ معرفت ۾ ترقي ۽ وڌاءُ آهي پر حق تعاليٰ جا ڪمال غيرمحدود ۽ لا متناهي / اڻ ڪٿ آهن، تنهن ڪري انس ۽ هيبت ۾ تعاقب ڦرندو رهندو آهي ڪڏهن هڪ تجلي ايندي آهي جنهن سان طبيعت ۾ انس / پيار/ الفت پيدا ٿيندي آهي، انهيءَ کانپوءِ اهڙي تجلي ايندي آهي جنهن سان هيبت جو فضا پيدا ٿيندي آهي وري اهڙي تجلي ايندي آهي جنهن سان الفت پيدا ٿيندي آهي پر پهرين انس واري تجليءَ ۽ بعد واري ۾ سنڌو هوندو آهي ڪٿي اهو فرق لطيف ئي چو نہ هجي. اهڙيءَ ريت هيبت واري تجليءَ ۾ پڻ پهرين تجليءَ کان فرق هوندو آهي ايئن سدائين ٿيندو رهندو آهي. مخلوق جي محدود ۽ متناهي ڪمالن ۾ معرفت پيدا ٿيندي



ٿيندي انهن جو احاطو ٿي ويندو آهي ۽ احاطي جو خلاصو آهي اعتياد/ عادت ٿي وڃڻ ۽ اعتياد جو خلاصو آهي هيبت ۾ گهٽتائي.

هڪ طالب لکيو تہ زباني ذڪر پهرين کان سرس ٿيندو رهيو آهي، قلبي ذڪر گهڻي قدر سولائيءَ سان جاري رهندو آهي، ڪم ڪار ۾ رڌل هوندي ذڪر هلندو رهندو آهي پر گهڻي قدر دماغي ڪم ڪرڻ وقت ذڪر بند ٿي ويندو آهي، ڪوشش ڪندو آهيان تہ اهڙي وقت ۾ پڻ ذڪر هلندو رهي. جواب ۾ فرمايائون تہ دماغي ڪم وقت قلبي ذڪر جاري رهي نہ ٿو سگهي ڇاڪاڻ تہ هڪ ئي وقت ڌيان ٻن پاسن ڏانهن رهي نہ ٿو سگهي تنهن ڪري انهيءَ جو ڪو نقصان نہ آهي.

## ماڻهن جي تڪليف ڏيندڙ ڳالهين تي صبر ڪرڻ سان مٿانهپ ملندي آهي

ماڻهن کي ٻين ماڻهن کان وڌيڪ مٿانهپ ۽ رفعت ايئن ملندي آهي جو هو ماڻهن پاران ملندڙ تڪليفن وارين ڳالهين تي صبر ڪندا آهن ۽ ڪنهن سان بہ ساڙ نہ ڪندا آهن ۽ خراب هلت هلڻ وارن ماڻهن سان پڻ سنو رويو رکندا آهن.

الله تبارڪ وتعاليٰ سان پختو ناتو هجي تہ پوءِ الله تعاليٰ انهن ماڻهن آڏو ٻين ماڻهن جا ڪنڌ جهڪائي ڇڏيندو آهي، سموري سوڀ جي ڪنجي الله سان پختو ناتو ئي آهي.

## مومن ٻانهي جو سڀ کان وڏو فڪر:

مومن ٻانهي کي پريشان ڪرڻ واري هڪڙي ئي شيءِ آهي سا آهي الله پاڪ جي ناراضگي، انهيءَ سان مومن ٻانهي جي دل جيترو بہ پريشان ٿئي سو گهٽ آهي. پريشاني بي چيني، ڏک، سور ۽ اذيت جو احساس اصل محبوب جي ياد کان غافل ٿيڻ جو نالو آهي.

## گھڻو ڳالهائڻ کي وڏائپ جو اهڃاڻ سمجهڻ

گهڻي ڳالهائڻ جو مرض ماڻهن ۾ انهيءَ وقت پيدا ٿيندو آهي جڏهن کين وڏماڻهپ جو يقين ٿيندو آهي ۽ پنهنجي وڏائپ انهيءَ وقت ڏيکاربي آهي جڏهن الله پاڪ کان دوري ٿيندي آهي ۽ الله پاڪ کان غافل ٿيڻ هڪ مرض نہ آهي پر سمورن مرضن جي پاڙ آهي.

الله وارن بزرگن جي اصلاح سان بہ صحيح سڌارو نہ ٿئي تہ گهٽ ۾ گهٽ ايترو ضرور ٿيندو تہ پنهنجن عيبن تي نظر پوڻ لڳندي .

پنهنجي اوڻائي ۽ گناهن جو احساس ٿيڻ بہ وڏي خوبيءَ جي ڳالهہ آهي ۽ اهو گڻ پنهنجي ذاتي ڪوشش سان گهٽ ئي حاصل ٿيندو آهي.

## سلوڪ جي طالب لاءِ نقصان واريون ٻہ شيون

سلوڪ جي واٽ ۾ سالڪ لاءِ ٻہ شيون گهڻيون هاڃيڪار هونديون آهن جن سان سڌارو سخت متاثر ٿيندو آهي هڪ اها تہ پنهنجي غلطيءَ جي تاويل ڪرڻ ۽ ٻي اها تہ پنهنجي معلم / استاد/ سڌارڪ تي اعتراض ڪرڻ.

## روح جي مجلي ٿيڻ جا اثر:

جڏهن روح مجلي ٿي وڃي ٿو تہ منجهس چمڪ پيدا ٿي پوي ٿي جنهن سان انهيءَ ۾ ٻين شين جا عڪس نظر اچڻ لڳندا آهن. جڏهن نفس، قلب، ۽ روح سجاڳ ٿي پوندا آهن، معنيٰ انهن جي غفلت ٽري وڃي ٿي تہ مولا پاڪ جي مرضيءَ جي ابتڙ عمل ڪرڻ واري سگهہ ساڻي ٿي پوندي آهي.

## ذڪر کان غفلت جا نتيجا وسوسن جو غلبو

وسوسا انهيءَ وقت شروع ٿيندا آهن جڏهن طالب ذڪر ڪرڻ کان غافل ٿيندو آهي.ذڪر کان غفلت نفس کي حملو ڪرڻ جو موقعو ڏيندي آهي غفلت جو اهو وقت جيترو وڌندو آهي وسوسن جي طاقت اوتري ئي اسرندي ويندي آهي جنهن سان ماڻهو گناهن ۾ مبتلا ٿيندو ويندو آهي.



## زبان حال، ۽ زبان قال ۾ برڪت لاءِ نور جي گهرج:

زمان حال، ۽ زبان قال ۾ برڪت لاءِ نور جي گهرج هوندي آهي ۽ اهو نور ڪامل ذڪر سان ملندو آهي ۽ ڪامل ذڪر لاءِ هر ڏهاڙي ڪجهہ وقت اڪيلائيءَ جي گهرج هوندي آهي ۽ قلب کي الله جي ذڪر سان سرشار ڪرڻ جي گهرج آهي .

## نفس دشمن سان ويڙهہ جي ضرورت:

نفس سان جهاد پڇاڙيءَ تائين هلڻ گهرجي هن دشمن سان مهاڏي ۽ مجاهده لاءِ سدائين تيار رهڻ گهرجي. نفس جي وار جا عجيب ۽ غريب طريقا هوندا آهن، نفس جي شرارتن ۽ مڪارين جي سڃاڻ الله وارن جي صحبت سان ئي ٿيندي آهي صحبت واري هر خوراڪ سان نفس جي ڪدورتن ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ گهٽتائي ٿيندي رهندي آهي ۽ قلب جي نور ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ واڌارو ٿيندو رهندو آهي.

## محبت جي واٽ وارن سالڪن جي چوديواري

ذڪر وارن کي اهو نہ وسارڻ گهرجي تہ اهل ذڪر دوستن ۽ ساٿين جو حلقو ئي سندن لاءِ ڪوٽ/ جو ديواريءَ جو ڪم ڏيندو آهي، تنهن ڪري زندگيءَ جي ڪنهن بہ واٽ تي ذڪر وارن جي حلقي کان ناتو نہ ٽوڙجي، جيئن تہ صحبت سان شعاعون منتقل ٿينديون آهن، ذڪر وارن جي صحبت سان سگهاريون نوراني شعائون قلب ۾ داخل ٿينديون آهن جنهن ڪري شريعت تي عمل ڪرڻ ۽ پاڪ خيالن جو غلبو رهندو آهي، جڏهن تہ غلط ماڻهن جي صحبت سان غيرمحسوس طور منفي ڪرڻا قلب ۾ گهرندا آهن، جنهن ڪري مال، معتبري ۽ مادي حسن جي چاهت جا وسوسا پيدا ٿيڻ لڳندا آهن .

## ٻين جي ڳالهين کي ڀلائيءَ وارو سمجهڻ

جيستائين ٿي سگهي تہ ٻين جي ڳالهين کي چڱائيءَ تي قياس ڪرڻ گهرجي. خاص ڪري ننڍيون ننڍيون ڳالهيون وساري ڇڏڻ گهرجن ڇاڪاڻ

ته انهيءَ ۾ ئي آرام آهي ۽ مخالف جي فعل جو بدلو چڱائيءَ سان ڏيڻ ته افضل ترين عمل آهي.

## هر نفس جي خاصيت عمل جو صلو گھرڻ:

نفس جي اها خاصيت آهي ته هو هر عمل جو صلو گھرندو آهي ۽ هر ڪم ڪار ۾ مطلب ڳولهيندو آهي هر ڪم جو تڪڙو ڦل ۽ نتيجو ڏسڻ چاهيندو آهي، پر گھربل ڦل ملڻ ۾ ڪجھه دير ٿي وڃي ته هو بي صبر ٿي پوندو آهي. نفس جي انهيءَ تاثيري طاقت جو علاج اهو آهي ته ڪيس مجاهدن جي ڀٺيءَ ۾ وجهجي .

## بحث مباحثي سان رنج پيدا ٿيندو آهي

نفس جيستائين ڳالهين ٻولين ڏانهن مڙيل هوندو بحث مباحثي ۽ علم براءِ علم ۾ رڌل هوندو ، تيستائين طبيعت جي ڳوراڻپ ۽ ڪدورت جي صفائي نه ٿيندي آهي .

## ماڻهن کي پنهنجي نفس جي شرارتن کان بچائڻ:

جيستائين ذڪر جوڳي حد تائين نفس جو سڌارو نه ٿو ٿئي تيستائين ماڻهن کي پنهنجي نفس جي شرارتن ۽ اذيتن کان بچائڻ جو خاص فڪر ڪرڻ گھرجي، انهيءَ لاءِ ماڻهن سان گھٽ ملڻ ۽ گھٽ ڳالهائڻ واري اصول تي عمل ڪرڻ گھرجي .

نيڪيءَ جي ڪنهن به ڪم کي هلڪو نه سمجھي ڇاڪاڻ ته خبر نه آهي ته سعادت جو ڪلف ڪھڙي ڪنجيءَ سان کلي .

قرآن مجيد جي تلاوت ڪرڻ جي پابندي ڪجي صبح جو گھر مان نڪرڻ کان پهرين ڪجھه رڪوع تلاوت ضرور ڪجي، استغفار ۽ درود شريف پڙهڻ به معمول بڻائجي .

## ناقص ماڻهن جي صحبت کان احتياط ڪرڻ:

ناقص پيرن ناقص عالمن ۽ ناقص ڏاهن جي صحبت کان وس آهر پري رهڻ گھرجي، ڇاڪاڻ ته صحبت جا اثر ايترا پختا ٿيندا آهن جو اهي



مزاج جو حصو بڻجي ويندا آهن ۽ پوءِ اهي اثر ختم ڪري مزاج ۾ چڱائي جو اثر وجهڻ ڏاڍو اوکو عمل ٿي پوندو آهي .

## صاحب دل ماڻهن جي ڳالهين جي تاثير جو سبب:

صاحب دل ماڻهن جي ڳالهين ۾ اثر هوندو آهي، انهيءَ سان دل کي فرحت محسوس ٿيندي آهي، جڏهن ته اها ئي ڳالهه دل جي حلاوتن کان عاري ڪنهن ماڻهو کان ٻڌجي ته ڪو به ذوق ۽ لذت محسوس نه ٿيندو آهي تنهن جو ڪارڻ اهو ئي آهي ته صاحب دل جي زبان مان اهي لفظ اهڙي جاءِ تان نڪرندا آهن جتي نور ۽ معرفت هوندي آهي.

## نفس ۽ قلب وچ ۾ ڇڪتاڻ واري حالت:

ماڻهو ۾ نفس ۽ قلب جون به وڏيون طاقتون موجود آهن. انسان جو سڄو جياپو انهن ٻنهي طاقتن جي ڇڪتاڻ ئي آهي، جڏهن نفس جي ڳالهه مڃي وڃي ته جلد ئي قلب سان هڪجھڙائي ڪرڻ گھرجي. نفس ۾ هڙئي خصوصيتون دشمني ۽ شر ئي شر جون ئي آهن. جڏهن ته قلب ۾ رضا، سڪون، ۽ الله جي محبت جي مناس جي خاصيت آهي نفس سان گڏ قلب کان به ڪم ورتو وڃي ته نفس مغلوب ٿي ويندو آهي، جيڪڏهن نفس جو مقابلو نفس سان ڪيو وڃي ته فتنو ۽ فساد وڌي ويندو .

# اسلام جي بنيادي تعليمات

## آزاد خيال فردن جي غور فکر لاءِ

### (اسلامي علم جا ذريعا)

اسلامي علم جا ٻه 2 بنيادي ذريعا آهن: قرآن مجيد ۽ سنت نبوي ﷺ يعني جيڪو پاڻ ﷺ جن فرمايو ۽ ڪيو. اسلامي علم جا ٻيا ذريعا آهن، اجماع، قياس ۽ اجتهاد. انهن سڀني جي وضاحت باب جي اختتام تي ڪئي وئي آهي، ان جي بنياد قرآن و سنت تي هجڻ گهرجي ۽ اهي قرآن و سنت جو انڪار ...يا... انهن جي ترديد و ابطال نه ڪندا آهن. هي ٻئي ذريعا ابتداءِ ۾ پيغمبر اڪرم ﷺ جي مقدس صحابه ڪان ۽ ان ڪان پوءِ دين جي علماءِ ۽ فقهاءِ ڪان حاصل ڪيا ويا آهن.

**ٻه بنيادي ذريعا:**

قرآن مجيد الله جو زنده و جاويد ڪلام آهي جنهن جي هر آيت جو هر حرف حضرت محمد ﷺ تي معزز فرشتي حضرت جبرئيل عَلَيه السَلام جي ذريعي نازل ٿيو. قرآن مجيد جون گهڻيون آيتون بالڪل واضح ۽ مطلب جي عين مطابق آهن. ان ۾ موجود پيغام، احڪام، قواعد و ضوابط ڪي بآساني سمجهي سگهجي ٿو. گڏ و گڏ قرآن مجيد ۾ گهڻيون آيتون اهڙين اصطلاحات سان گڏ آهن جن جي متعدد معنائون ٿي سگهن ٿيون ۽ بعض اصطلاحات ڪي حقيقي معنن ۾ ظاهر ڪرڻ جي لاءِ ڪڏهن ٻه انهن جي صحيح تشريح ۽ تفسير نه ٿي ڪري سگهجي. ماهرين تفسير جي درميان اتفاق راءِ آهي ته انهن کي ڇڏيو وڃي، جو ته ان جي توضيح ۽ تعيين جي تنازعات ڪان بچڻو آهي. جيڪڏهن هي سمجهڻ ضروري ٿي وڃي ته ان جو ڇا مطلب ٿي سگهي ٿو ته ان جي تشريح اهڙي طرح ڪرڻ گهرجي جيئن ان جي تشريح و توضيح ۽ تعيين



قرآن ڪريم جي ٻين آيتن سان نه ٽڪرائي بهرحال محفوظ رستو اهو ئي آهي ته ان جي بنيادي معني و مطلب پاڻ نازل ڪرڻ واري تي ڇڏي ڏيو.

قرآن مجيد جي پيغام الهي کي صحيح معنن ۾ سمجهڻ ۽ ان جي احڪامن کي عملي طور تي ڏسڻ جي لاءِ اسان کي نبي ڪريم ﷺ جي زندگي تي توجهه رکڻي ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن اسان پيغمبر اڪرم ﷺ جي مثالي اسوه ۽ قرآن مجيد جي پاڻ ﷺ جي تشريح کي نظر انداز ڪري ڇڏيون، قرآن مجيد جي تشريح پنهنجي لاءِ جي مطابق ڪريون، ته ان سان اسين يقينا گمراهه ٿي وينداسين. جيئن ته مسلمان، سنت يعني نبي ڪريم ﷺ جن جيڪو چيو ۽ ڪيو، تي اعتماد ڪندا آهن، سنت جو تعين ڪرڻ لاءِ مسلمان نبي ڪريم ﷺ صحابه ڏانهن رجوع ڪندا آهن ته سنت ڇا آهي. اخبار و اطلاعات کي احاديث (واحد: حديث) جي نالي سان ڄاتو ويندو آهي. اهڙي طرح احاديث ۽ سنت اسلامي علم جو ٻه بنيادي ذريعا آهن.

**قرآن مجيد:**

40 سال جي عمر ۾ حضرت محمد ﷺ تي قرآن مجيد جون پهريون آيتون الله جي طرف ڪان نازل ٿيون، بعد ۾ الله پاڻ سڳورن ﷺ کي نبوت جو اعلان ڪرڻ ۽ ماڻهن کي هڪ معبود ۽ خدا، يعني الله جي طرف سڏڻ جو حڪم ڏنو. 23 سالن تائين الله نبي اڪرم ﷺ تي وقت جي ضرورت ۽ پنهنجي حڪمت و مصلحت مطابق وحي موڪلي. پيغمبر اڪرم ﷺ تي پورو قرآن نازل ٿيڻ ۽ سڄي طرح محفوظ ٿي وڃڻ ڪان پوءِ پاڻ سڳورا ﷺ 63 سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويا.

قرآن پاڪ جو هر لفظ ان جي صحيح تلفظ سان گڏ الله حضور اڪرم ﷺ تي نازل فرمايو، جنهن کي پاڻ سڳورن ﷺ حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ الله جي فضل سان فوراً حفظ ڪري ڇڏيو. پوءِ پاڻ سڳورن قرآن پاڪ جي هر لفظ ۽ پيغام کي فورا پنهنجي صحابه تائين پهچائي ڇڏيو. انهن مان جيڪي پڙهيل هئا انهن ان کي لکي ڇڏيو ۽ ڪجهه ماڻهن ان کي زباني ياد ڪيوچو ته وحي ان جي ضرورت جي مطابق ايندي هئي. جيتوڻيڪ ان جون سورتون ۽ آيتون هڪ مختلف ترتيب سان نازل ٿيون

هيون، پر قرآن کي جهڙي طرح تہ لوح محفوظ (جنت جي مقدس تختي، جنهن جو قرآن مجيد هڪ جزء آهي) ۾ لکيل آهي، انهيءَ مطابق مرتب ٿي ويو. قرآن مجيد ۾ 114 سورتون آهن جيڪي تقريبا 6،600 آيتن تي مشتمل آهن. نہ صرف متن بلڪ جهڙي طرح لکيو ۽ تلفظ ڪيو ويو هو، اهو بہ پنهنجي اصل شڪل ۾ شروعات کان اڄ تائين محفوظ آهي.

ٽيئن خليفہ راشد حضرت عثمان غني رَضِىَ اللہ تَعالٰى عَنہُ چوڏنهن سو سال پهريان پيپائرس تي قرآن مجيد جي مڪمل نقل (مصحف عثماني) مرتب ڪئي. ۽ هي في الحال ترڪي ۾ استنبول جي توپ ڪاپي پيلس ۾ عوامي زيارت جي لاءِ محفوظ آهي. ان ڪانسواءِ نہ رڳو هي تہ قرآن مجيد کي ڪتابي شڪل ۾ محفوظ ڪيو ويو، بلڪ لکين مسلمانن قرآن کي لفظ بہ لفظ حفظ (زباني ياد) ڪيو. حفظ جي ذريعي ان جي حفاظت پنهنجي نزول جي ڏينهن کان جاري آهي ۽ آخري ڏينهن تائين جاري رهندي. جيڪڏهن (خدانخواستہ) قرآن مجيد جو هر تحريري نسخو هيٺ مٽي بہ ٿي وڃي، جنهن جو ڪو امڪان نہ آهي، تڏهن بہ ڪا طاقت ...يا... فرد انهن لکين حفاظ ڪرام (اهي معزز مسلمان بالغ ۽ ٻار جن قرآن کي حفظ ڪيو آهي.) جي دلين مان مٽائي نہ ٿو سگهجي.

قرآن پاڪ جو هڪ معجزو هي آهي تہ الله ان کي حفظ ڪرڻ آسان بڻائي ڇڏيو آهي، جيڪو ڪير بہ ان کي حفظ ڪرڻ چاهي ٿو ان جي لاءِ. (قرآن مجيد، 54:17) امت مسلمہ ۾ لکين ماڻهو پوري قرآن کي عربي ۾ حفظ ڪندا آهن، بلڪ ڪجهہ تہ ڏهن سال ۽ ان کان بہ ننڍي عمر ئي ۾ ياد ڪري ڇڏيندا آهن چاهي ان جي مادري زبان ڪجهہ بہ هجي. هي قرآن پاڪ جي عظيم معجزات مان هڪ آهي ۽ ان کي محفوظ ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي، هن روئي زمين تي ڪو ٻيو ڪتاب، خواه اهو آسماني هجي ...يا... نہ، ان خدائي خاصيت جو نہ مقابلو ڪري سگهي ٿي ۽ نہ ئي ان جي پيروڪارن جي قرآن سان ان جي محبت ۽ چاهت جي معجزي جي مثال پيش ڪري سگهي ٿو.

الله قرآن پاڪ عربي زبان ۾ نازل ڪيو جيڪو نبي ڪريم ﷺ جي ۽ عربن جي ٻولي آهي. سابقہ مقدس ڪتاب انساني مداخلت کان



محفوظ نہ رهيا، ۽ جن ٻولين ۾ اهي نازل ڪيا ويا هئا اهي ٻوليون بہ متروڪ ٿي ويون. اهي ڪتاب صرف بعد ۾ لکيل نسخن ۾ موجود آهن جن جي ذريعي ڪو شخص بہ ان جي مندرجات ۽ مشمولات جي صداقت ثابت نہ ٿو ڪري سگهي. پر قرآن مجيد محفوظ و سالم آهي ۽ پنهنجي اصل شڪل ۾ باقي آهي. عربي زبان بہ چڱي طرح محفوظ آهي ۽ پوري دنيا ۾ وڏي پيماني تي ڳالهائي ويندي آهي.

تقريبا هر مسلمان پنهنجي مادري زبان کان قطع نظر عربي ۾ قرآن مجيد جي تلاوت پنهنجي ننڍپڻ کان ئي سکي ڇڏيندو آهي. روزانہ نمازين جي دوران قرآن عربي ٻولي ۾ ئي پڙهيو ويندو آهي. قرآني آيتن جي معني و مطلب کي سمجهڻ جي لاءِ تقريبا هر ٻولي ۾ ان جا تراجم دستياب آهن. ترجيح هن ڳالهہ کي ڏني ويندي آهي تہ قرآن مجيد جي حڪمت تي غور و فڪر ۽ ان کي سمجهڻ جي لاءِ قرآني عربي کي ڄاڻو(سمجهو) ۽ ايئن ڪرڻ گهڻو فائدي مند ۽ باعث اجر و ثواب آهي.

عربي هڪ ڏکي ٻولي آهي. ان جي تلفظ ۾ معمولي غلطي ...يا... اعراب کي غلط جڳهہ رکڻ سان لفظ جي معني تبديل ٿي ويندي آهي. جڏهن عربي جي لفظن کي مختلف سياق و سباق سان گڏ استعمال ڪيو وڃي تہ مختلف مطلب بڻجي سگهن ٿا ۽ محض ڪجهہ لفظن ۾ گهڻيون ڳالهيون چئي سگهجن ٿيون ۽ مطلب ڪڍي سگهجن ٿا.

الله قرآن مجيد ۾ وحي فرمائي ٿو تہ ان ۾ هر شيءِ جو علم آهي جيڪو اسان کي پنهنجي ”حتمي مقصد“ تائين پهچائڻ جي لاءِ ضروري آهي. قرآن مجيد کي نازل ڪرڻ جي لاءِ الله عربي زبان جو انتخاب فرمايو، جو تہ هي فطري طور تي سڀ کان منفرد آهي ۽ ان ۾ هي صلاحيت آهي جي علم جو سمنڊ کي هڪ ڪوزي ۾ رکي سگهي. ڪا ٻي ٻولي قرآن جي وسيع ۽ غيرمحدود علم و حڪمت کي احاطو نہ ڪري سگهي ها اها ئي وجهہ آهي جو هي عربي زبان ۾ نازل ڪيو ويو. جيئن جيئن انسان جون ذهني ۽ فڪري صلاحيتون ترقي ڪري رهيون آهن، خاص طور تي سائنس ۽ ٽيڪنالوجي جي شعبن ۾، قرآن ڪريم مان نئي ۽ حيرت انگيز معمومات ۽ معجزانہ علوم مسلسل آشڪار ٿي

رهيا آهن، جيڪي ان جي آفاقيت، همه گيريت، ان جي الهامي ٿيڻ ۽ ان جي نزول جي لاءِ عربي زبان کي منتخب ڪرڻ جي افاديت کي ثابت ڪري رهيو آهي.

لفظ قرآن جي لغوي معني آهي ”سڀ کان وڌيڪ پڙهيو وڃڻ وارو ڪتاب“. ان مان هي ڳالهه به واضح ٿي وڃي ٿي ته قرآن دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ پڙهيو وڃڻ وارو ڪتاب ڇو آهي. ڪروڙين مسلمان ڏينهن ۾ پنج ڀيرا پنهنجي نمازين ۾ قرآن مجيد جي تلاوت ڪندا آهن ۽ لکين ماڻهو روزانو ان جو ڪافي حصو پڙهندا (تلاوت) آهن. پوري دنيا ۾ لکين مسجدن ۾ قرآن مجيد جي مسلسل تلاوت ڪئي ويندي آهي، خاص طور تي اسلام جي مقدس ترين مقام (مڪه معظمه، مدينه منوره ۽ مسجد اقصيٰ) ۾، ۽ هزارين مقدس مزارن ۽ اسلامي تعليمي ادارن ۾ ان کي پڙهيو ويندو آهي. جڏهن کان هي عمل شروع ٿيو آهي، هي سلسلو جاري و ساري آهي. جڏهن ڪو مسلمان فوت ٿي ويندو آهي ته دوست احباب ۽ خاندان جا ٻيا افراد قرآن مجيد جي ڪثرت سان تلاوت ڪندا آهن ۽ ان جون برڪتون ميت کي پهچائيندا آهن. رمضان جو مقدس مهينو جيڪو اسلامي ڪيلينڊر جو نائون مهينو ۽ روزي رکڻ جو مهينو آهي، ان ۾ تقريبا هر مسلمان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پوري قرآن ڪريم جي تلاوت ڪندو آهي ۽ ڪجهه مسلمان ڪيترا ئي ڀيرا ڪندا آهن.

جيڪي ماڻهو قرآن ڪريم جي مسلسل تلاوت ڪندا آهن اهي هڪ ناقابل بيان خوشي، اطمينان ۽ سڪون محسوس ڪندا آهن جنهن جي ڪري انهن ۾ ڪان پڙهڻ جي خواهش پيدا ٿيندي آهي. ڪنهن ٻئي ڪتاب ايتري ڪشش ناهي، يقينا قرآن مجيد کي عطا ٿيل استحقاق بالڪل منفرد ۽ بي نظير آهي. ”قرآن“ جي نالي سان ئي هي سڀ ڳالهيون ظاهر آهن. اهڙي موزون نالي جو انتخاب ڪنهن انسان نه ڪيو، بلڪ الله پاڪ پاڻ انهيءَ ان جو انتخاب ڪيو جنهن جو هي ڪلام آهي، جيڪو عليم و خبير آهي. ان جي طهارت ۽ تقدس جو ثبوت انهيءَ جي اندر آهي، ۽ ان جي طرف انسان جي ”فطري ڪشش“ ظاهر ڪري ٿي آهي قرآن جنهن جو ڪلام آهي ۽ انسانيت جو جيڪو خالق آهي، اهو هڪ ئي آهي. قرآن جي تلاوت ۽ ان تي غور و فڪر ڪرڻ جي ته ڳالهه ئي ڪجهه



ٻي آهي. صرف قرآن مجيد کي پاڪ و صاف هٿن سان مس ڪرڻ سان ئي گهڻي خير و برڪتون حاصل ٿي ويندي آهن.

قرآن مجيد هڪ معجزو آهي. معجزا مافوق الفطرت ڪمالن جي ذريعي ئي ممڪن ٿيندا آهن. الله پنهنجي نبيين ۽ رسولن کي پنهنجي نبوت جي دعوائن کي ثابت ڪرڻ جي لاءِ معجزن جي طاقت عطا فرمائي ٿو. الله قرآن مجيد حضرت محمد ﷺ تي نازل فرمايو. تنهنڪري هي ان جو معجزو آهي، ۽ ڪو به ماڻهو ڪڏهن به ان جهڙي ڪا سورت ...يا... آيت پيش نه ٿو ڪري سگهي، ان مان ثابت ٿئي ٿو ته هي الله جو ڪتاب آهي.

منڪرين کي شڪست ڏيڻ ۽ ان تي غلبو حاصل ڪرڻ جي لاءِ الله تقريبا هر نبي کي معجزا عطا فرمايا. انبياءِ ڪرام جنهن قسم جا معجزا ظاهر فرمايا انهن جي مخصوص وقت ۾ انهن جي ضرورت هئي. حضرت ابراهيم عَليہِ السَلاَم، حضرت موسي عَليہِ السَلاَم، حضرت عيسي عَليہِ السَلاَم ۽ ٻين انبياءِ ڪرام کي مختلف معجزا عطا ڪيا ويا ته ماڻهن کي ان جي نبوت ۽ رسالت جو يقين ڏياريو وڃي.

حضرت محمد ﷺ جن جو زمانه عربي زبان ۾ فصاحت و بلاغت ۽ فضيلت و فوقيت جو زمانو هو. پاڻ سڳورن ﷺ جي نبوت کي ثابت ڪرڻ جي لاءِ ٻين معجزن جي علاوه هڪ معجزو، فصاحت و بلاغت ۽ لساني ۽ ادبي ڪمالات جو حامل به گهربل هو قرآن مجيد جي نزول ان معجزي جي ضرورت پوري ڪئي ۽ معجزانه طور تي انسانن کي لازوال ۽ ابدي هدايت و رهنمائي فراهم ڪئي. هي زباني طور تي حضرت محمد ﷺ تي نازل ٿيو، جنهن ڪنهن شخص کان ڪا تعليم حاصل نه ڪئي هئي، ۽ نه ئي پاڻ پڙهڻ ....يا... لکڻ ڄاڻيندا هئا.

# اسان جا ڪجهہ اهم معاملات

## احاديث نبوي جي روشني ۾

هي حديث شريف الله جي رحمت جي لامحدود وسعت کي ظاهر ڪري ٿي، الله جي رحمت اهو پري ناهي جو سڀ مسلمان بخشجي وڃن ۽ جنت ۾ داخل ٿي وڃن. هن حديث شريف مان اهڙو حوصلو ملي ٿو پر الله جي رحمت تي اميد رکندي گناهن ۽ بي عملي جي زندگي گذارڻ ۽ فرائض ۽ واجبات کي ترڪ ڪرڻ، سڀ کان وڏي ناداني چئبي. قرآن ۽ حديثن ۾ هر وڏي گناهہ جي سزا جو تعين ڪيو ويو آهي، يعني سزا کان خبردار ڪيو ويو آهي. گناهن کان بچڻ جي ڪوشش جي باوجود جيڪڏهن گناهہ ٿين ٿا تہ توبہ سان معاف ٿي ويندا، پر گناهن کي معمول بڻائڻ سان، سزا تہ ملندي ئي، پر سزا کان بعد ايمان جي ڪري معافي جي صورت پيدا ٿيندي.

اسان جي خواهش ۽ دعا تہ اها آهي تہ هن حديث شريف ۾ بيان ڪيل پنهنجي رحمت کي پيش نظر رکندي، الله تعاليٰ اسان سڀني مسلمانن کي بغير حساب جي معاف فرمائي.

### عورت تان نظر هٽائڻ سان حلاوت حاصل ٿيڻ:

فرمايائون: جيڪڏهن ڪو مسلمان ڪنهن عورت جي حسن تي پهرين نظر پوندي ئي پنهنجي نظر هٽائي، تہ الله تعاليٰ ان کي اهڙي عبادت جي توفيق عطا فرمائيندو، جنهن جي حلاوت ان کي حاصل ٿيندي. (مشڪوة شريف)



عورت تي پهرين نظر جيڪڏهن اوچتو پوي ٿي تہ نظر کي فوراً هٽائڻ جي نتيجي ۾ عبادت جي حلاوت جي خوشخبري ٻڌائي وئي آهي. اها تجربي جي ڳالهہ بہ آهي تہ اهو ڪرڻ سان خيالن ۾ پاڪيزگي پيدا ٿئي ٿي ۽ حلاوت محسوس ٿئي ٿي، پر جيڪڏهن ايئن نہ ڪيو وڃي تہ دل ۽ ذهن عورت جي حسن جي احساسن سان پرجڻ لڳن ٿا ۽ دل ۽ ذهن تي ڊگهي وقت تائين ان جو اثر رهي ٿو ۽ عبادت ۽ اطاعت جي توفيق بہ متاثر ٿئي ٿي. سخت احتياط جي ضرورت آهي، موجوده دور ۾ جڏهن سوشل ميڊيا ۾ عورت جي حسن جو فتنو عام آهي، ان کان بچڻ دشوار آهي پر بچڻ جو فائدو تمام وڏو آهي.

هي ٽيڪسٽ سنڌي ۾ ترجمو ڪريو:

### مسلمان ڀاءُ جي عيادت جي فضيلت:

فرمايو: جيڪو شخص پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عيادت جي لاءِ ايندو آهي اهو مريض وٽ ويهڻ تائين جنت کا پهل ڪٽيندو آهي، اگر عيادت صبح جو وقت هجي تہ شام تائين سترا هزار فرشتا ان کي دعائون ڏيندا رهندا آهن، اگر شام جو وقت هجي تہ صبح تائين ستر هزار فرشتا ان کي دعائون ڏيندا رهندا آهن . (سنن ابن ماجہ)

حديث کان مريض جي عيادت ڪرڻ جي اهميت ظاهر ٿئي ٿي، مريض جي عيادت ڪرڻ ڪوئي ڏکيو ڪم ناهي. ليڪن آج ڪل اسان کي عام طور تي ان جي توفيق نصيب نہ ٿيندي آهي. اس طرح اسان هزارها فرشتن جي دعائن کان محروم ٿيندا آهن، الله اسان کي توفيق عطا فرمائي. (آمين)

مريض جي عيادت جو مزاج ناهڻ مفت ۾ اسان وڏي اجر وثواب سان نوازش ٿيندي. ان کان مريض جي تاليف قلب ٿيندي آهي اجر وثواب بہ.

هڪ شخص کي بُرا ٿيڻ لاءِ اهوئي ڪافي آهي تہ هو پنهنجي مسلمان ڀاءُ کي حقير سمجهي.

فرمايو: توهان هڪ ٻئي کان حسد نہ ڪريو, خريد وفروخت ۾ قيمت وڌائي ڪري هڪ ٻئي کي دهوڪو نہ ڏيو, نہ هڪ ٻئي کان بغض رکو, نہ هڪ ٻئي کان اعراض ۽ بي رخي ڪريو ۽ نہ توهان مان ڪوئي هڪ ٻئي کان سودي سان سودا ڪريو, الله جا بندو! ڀاءُ ڀاءُ ٿي وڃو, مسلمان, مسلمان, جو ڀاءُ آهي,ان تي ظلم نہ ڪريو, نہ ان کي بي سهارا ڇڏيو ۽ نہ ان کي حقير سمجهو, تقويٰ اها آهي پاڻ صلي الله عليه وسلم پنهنجي سيني جي طرف اشارو ڪري ٽي دفعا فرمايو (تہ تقويٰ هتي آهي) هڪ شخص جي برو ٿيڻ لاءِ اها ئي ڪافي آهي تہ هو پنهنجي مسلمان ڀاءُ کي حقير سمجهي, سيني مسلمان جو خون, ان جو مال ۽ اس جي عزت ٻئي مسلمان تي حرام آهي. (صحيح مسلم)

فرمايائون: جيڪو شخص پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عيادت لاءِ اچي ٿو اهو مريض وٽ وينو رهڻ تائين جنت جا ميوا ميڙي ٿو جيڪڏهن عيادت صبح جي وقت ٿئي, تہ شام تائين ستر هزار فرشتا ان کي دعا ڏيندا آهن, ۽ جيڪڏهن شام جو وقت هجي, تہ صبح تائين ستر هزار فرشتا ان کي دعا ڏيندا آهن- (سنن ابن ماجہ)

حديث مان مريض جي عيادت ڪرڻ جي اهميت ظاهر ٿئي ٿي, مريض جي عيادت ڪرڻ ڪو مشڪل ڪم ناهي, پر اڄڪلهہ اسان کي عام طور تي ان جي توفيق نٿي ٿئي, اهڙي طرح اسان هزارين فرشتن جي دعائن کان محروم ٿي وڃون ٿا, شال الله اسان کي ان جي توفيق عطا فرمائي. (آمين) مريض جي عيادت کي مزاج جو حصو بڻائڻ سان مفت ۾ اسان کي وڏن اجر ۽



ثوابن سان نوازيو ويندو, ان سان مريض جي دل بہ وندرجندي آهي ۽ اجر و ثواب بہ ملندو آهي.

## ڪنهن جي بري هجڻ لاءِ اهو ئي ڪافي آهي:

تہ هو پنهنجي مسلمان ڀاءُ کي حقير سمجهي:

فرمايائون: توهان هڪ ٻئي تي حسد نہ ڪريو خريد و فروخت ۾ قيمت وڌائي هڪ ٻئي سان دوکو نہ ڪريو نہ هڪ ٻئي سان بغض رکجو نہ هڪ ٻئي کان بيزاري ۽ بي رخي ڪريو ۽ نہ توهان مان ڪو هڪ ٻئي جي سودي تي سودو ڪري, الله جا بندؤ! ڀائي ڀائي بڻجو مسلمان, مسلمان جو ڀاءُ آهي, ان تي ظلم نہ ڪريو نہ ان کي بي سهارا ڇڏيو ۽ نہ ان کي حقير سمجهو, تقويٰ هتي آهي, پاڻ ﷺ پنهنجي سيني جي طرف اشارو ڪندي ٽي ڀيرا فرمايو (تہ تقويٰ هتي آهي) هڪ شخص جي بري هجڻ لاءِ اهو ئي ڪافي آهي.

تہ هو پنهنجي مسلمان ڀاءُ کي حقير سمجهي. هر مسلمان جو خون, سندس مال ۽ سندس عزت ٻئين مسلمان تي حرام آهي.(صحيح مسلم)

جامع حديث آهي, جنهن ۾ اصلاح جي حوالي سان بنيادي ڳالهيون آيل آهن, هيءَ اهڙي حديث آهي جيڪا اسان جي دلين تي نقش ٿيڻ گهرجي ۽ هميشہ ياد رکڻ گهرجي. ايتري بهترين تعليمات هئڻ جي باوجود, اسان جي عملي زندگي ان کان خالي آهي, هي امت جو سڀ کان وڏو الميو آهي, حقيقت هي آهي تہ جيسين تقويٰ پيدا نٿي ٿئي, تيسين پاڪيزه عملن جي سگه پيدا نہ ٿيندي. هڪ ٻئي سان بغض نہ رکڻ, هڪ ٻئي سان بي رخي نہ ڪرڻ, مسلمان کي بي سهارا نہ ڇڏڻ, مسلمان کي حقير نہ سمجهڻ, موجوده دور ۾ هي عمل اهڙا آهن, جن جي توفيق اسان کان هڪ طرح سان کسجي وئي آهي, جنهن سبب معاشرو ڪسي ڪردار جو منظر پيش ڪري رهيو آهي, بس, الله اسان جي حالتن ۾ بهتري جي صورت پيدا فرمائي ۽ اسان کي پنهنجي رسول جي تعليمات تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

### سڀ کان افضل عمل:

فرمايون: ڇا مان توهان کي اهڙي شيءِ جي خبر نہ ڏيان جيڪا نماز، روزي ۽ صدقي کان افضل آهي؟ صحابہ عرض ڪيو ڇو نہ. پاڻﷺ ارشاد فرمايو هڪ ٻئي جي اصلاح ڪرڻ (يعني صلح سان رهڻ) ۽ هڪ ٻئي سان بگاڙ ۽ اختلاف کي ختم ڪرڻ وارو آهي (يعني دين کي ختم ڪرڻ وارو آهي). (بخاري شريف)

هن حديث شريف ۾ هڪ ٻئي سان بگاڙ کان بچڻ ۽ صلح سان رهڻ جي غيرمعمولي اهميت بيان ڪئي وئي آهي، نماز ۽ روزي کان بہ ان جي وڏيڪ اهميت ظاهر ڪئي وئي آهي، ڇو تہ بگاڙ سان امت جو ايڪو ۽ وحدت ٽُٽندي آهي، جنهن سان امت انتشار جو شڪار ٿي ويندي. جيڪڏهن هڪ ٻئي سان محبت سان رهڻ جي صفت پيدا ٿي وڃي تہ اسان جو معاشرو پيچ ڊاھ کان بچي سگهي ٿو ۽ هر سطح تي جيڪو انتشار ۽ خلفشار جي صورت پيدا ٿي وئي آهي، اهو ختم ٿي سگهي ٿو. ان کان علاوه، ماڻهن جو هڪ ٻئي تي اعتماد بحال ٿي سگهي ٿو.